روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اربع 26 جولاءِ 2023ع بمطابق 07 محرم الحرام 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 60

21 لک جهوپڙين ۾ رهندڙ ماڻهن کي پڪا گهر ٺاهي ڏينداسين: شرجيل ميمڻ

واقعي ڪو اهڙو شخص جنهن جو ٽيون نسل رهي پيو، اُن جا خواب سنڌ حڪومت پورا ڪري رهي آهي، حڪومت نه رڳو گهر ٺاهي پئي ڏئي پر مالڪاڻا حق به ڏئي رهي آهي

لاڙڪاڻي ڪانپوءِ اڄ قمبر شهدادڪوٽ ۾ به تقريب ٿي رهي آهي، بي گهر ماڻهن کي گهر ڏينداسين، پيپلز پارٽي سدائين عوام سان گڏ رهي آهي

اسان ترقياتي اسڪيمن مان ڪٽوتي ڪري ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي، سنڌ سرڪار ٻوڏ متاثرن سان ڪيل وعدا پورا ڪري ڇڏيا

ڪارونجهر جبل جي نيلامي جو فيصلو نه ٿيو آهي، نيلامي وارو ٽينڊر رد ڪيو ويو آهي، ملڪ ۾ ڪجهه ماڻهو سياست سياست ڪيڏي رهيا آهن

پيپلزپارٽي واحد جماعت آهي جيڪا سياست نه پئي ڪيڏي، بلاول وزيراعظم ٿيو ته سموري ملڪ ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهر ٺاهي ڏنا ويندا

ايندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي سنڌ ۾ مڪمل سويپ ڪندي، سنڌ ڪانپوءِ ڏکڻ پنجاب ۾ پ پ جي پوزيشن مضبوط ٿي وئي آهي: ناصر شاهه

ڪراچي(بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي وزيرن شرجيل ميمڻ ۽ ناصر شاهه دعوي ڪئي آهي ته سنڌ جي 21 لک جهوپڙين ۾ رهندڙ ماڻهن کي پڪا گهر ٺاهي ڏينداسين. وزيراعظم ٿيو ته ڪي پي ۽ پنجاب ۾ به پڪا گهر ٺاهينداسين. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل ميمڻ چيو ته واقعي ڪو اهڙو شخص جنهن جو ٽيون نسل رهي پيو، اُن جا خواب سنڌ حڪومت پورا ڪري رهي آهي، حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ملڪ جو ڏيوالو ٿئي ها ته منهنجي نرڙ تي قيامت تائين ڪارو ٽڪو لڳي وڃي ها: وزيراعظم

حلف کنيو ته مون کي احساس هو حالتون ڏاڍيون ڏکيون آهن پر اندازو نه هو ته حالتون تباهي جهڙيون آهن، اسان هاڻ ڏکئي وقت مان نڪري ويا آهيون

پي ٽي آءِ چيئرمين آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽوڙيو، سياست چمڪائڻ لاءِ رياست قربان ڪرڻ کي ترجيح ڏني

ملڪ جو ڏيوالو ٿي وڃي ها ته قيامت تائين منهنجي نرڙ تي ڪارو ٽڪو هجي ها، اسان ڏيوالي کان بچي ويا سين

هڪ ڪلو اٽو وٺڻ لاءِ نڪرندڙ غريب ماڻهوءَ جا پگهر نڪري اچن ٿا، ان صورتحال جون ذميوار حڪومتون آهن، ملڪ جا وڏا سرمائيدار بجلي چوري ڪن ٿا، شاهي خرچن ۽ ڪرپشن جي خاتمي تائين ملڪ ترقي نه ڪندو

ان تي الله جو جيترو شڪرادا ڪيان گهٽ آ، سڄي عمر سجدا ڪيان ته پوءِ شڪر ادا نٿو ڪري سگهان: ڊي آءِ خان ۾ ترقياتي منصوبن جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب سان خطاب

ڊي آءِ خان (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ملڪ جو ڏيوالو ٿي وڃي ها ته منهنجي نرڙ تي قيامت تائين ڪارو ٽڪو لڳي وڃي ها. ڊي آءِ خان ۾ ترقياتي منصوبن جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو حلف کنيو ته مون کي احساس هو حالتون ڏاڍيون ڏکيون آهن پر اندازو نه هو ته حالتون تباهي جهڙيون آهن. اسان هاڻ ڏکئي وقت مان نڪري ويا آهيون. هن چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽوڙيو، سياست چمڪائڻ لاءِ رياست قربان ڪرڻ کي ترجيح ڏني. جڏهن ته اسان جي حڪومت فيصلو ڪيو ته سياست کي قربان ڪري رياست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

GROUNDBREAKING
Ceremony
Construction of
ABDUL KHEL-DHAKKI-KALLUR KOT ROAD
HONORABLE PRIME MINISTER OF PAKISTAN
MUHAMMAD SHEHBAZ SHARIF
National Highway Authority

ڊي آءِ خان: وزيراعظم شهباز شريف ترقياتي منصوبن جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي

علي محمد جي ڪرپشن ڪيس ۾ ضمانت منظور، ايم پي او تحت گرفتار

مردان جي سيشن جج انعام الله پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي مملڪتي وزير علي محمد خان جي ضمانت منظور ڪري ورتي

عدالت علي محمد خان کي 5 لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو علي محمد خان کي اينٽي ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو

پشاور هاءِ ڪورٽ علي محمد خان خلاف ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ جي درخواست ۾ اينٽي ڪرپشن، ڊپٽي ڪمشنر مردان ۽ نيب کان رڪارڊ طلب ڪري ورتو

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ علي محمد خان جي ضمانت واري درخواست منظور ڪري ورتي آهي. مردان جي سيشن جج انعام الله پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي مملڪتي وزير علي محمد خان جي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

تحريڪ انصاف اڳواڻ علي محمد خان

ڊالر جي اڏام، انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ۾ مهانگو

انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو 8 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 289 رپيا 50 پئسا تي پهتو

پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 134 پوائنٽس جي واڌ سان 46 هزار 188 تي پهچي ويو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) آمريڪي ڊالر جي شروعاتي واپار ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر انٽربئنڪ ۽ اوپن مارڪيٽن تي حاصل ڪرڻ بند ٿي ويو آهي. انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو 8 پئسا مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 289 رپيا 50 پئسا تي ويو ڪاله انٽر بئنڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

توشه خانا مينيجمينٽ اينڊ ريگيوليشن بل سينيٽ ۾ پيش

توشه خانا مينيجمينٽ اينڊ ريگيوليشن بل وفد ۾ سرڪاري آفيسرن ڪانسواءِ پرائيويٽ ماڻهن تي به لاڳو هوندو

سرڪاري آفيسرن ۾ لاڳاپيل شخص ۽ سندن گهرڀاتين کي به شامل ڪيو ويندو، بل جو اطلاق صدر، وزيراعظم، هٿياربند فوج جي ميمبرن، عدليه تي ٿيندو

سرڪاري آفيسرن ۾ اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، سينيٽ جو چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين، وفاقي وزير، گورنر، پوليٽيڪل سيڪريٽري، خاص مددگار ۽ ٻيا وفاقي ۽ صوبائي آفيسر شامل هوندا

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) توشه خانه مينيجمينٽ اينڊ ريگيوليشن بل سينيٽ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. توشه خانا مينيجمينٽ اينڊ ريگيوليشن بل وفد ۾ سرڪاري آفيسرن ڪانسواءِ پرائيويٽ ماڻهن تي به لاڳو هوندو. جڏهن ته سرڪاري آفيسرن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي پاران چنيسر ڳوٺ ويجهو پارسي ڪالوني جو دورو

گيانچند ايسراڻي پيورس بلاڪ جي تعمير ۽ سائرس هال جي مرمت ۽ بحالي جي ڪم جو افتتاح ڪيو

پ پ پنهنجي پنجن سالن جي دور اقتدار ۾ اقليتي برادري جي بنا ڪنهن فرق خدمت ڪئي آهي : گيانچند ايسراڻي

صوبي جي هر ضلعي ۾ مندر، گرجا گهرن، درگاهن لاءِ ضرورت جي موجب ترقياتي ڪم ڪرايا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي اقليتي معاملن کاتي واري صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي چنيسر ڳوٺ جي ويجهو پارسي ڪالوني جو دورو ڪيو ان موقعي تي سيڪريٽري مينارٽي افيئرز شارق احمد ۽ ڊائريڪٽر اقليتي معاملا سنڌ سائس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: صوبائي وزير گيان چند ايسراڻي پاران چنيسر ڳوٺ ويجهو پارسي ڪالوني ۾ سائرس هال جو افتتاح ڪندي

جيڪب آباد: برساتن ۾ ٻوڏ متاثرخاندانن کي خوشحال بڻائڻ لاءِ تقريب منعقد

لاڙڪاڻو / جيڪب آباد (هـ ـ آ) جيڪب آباد ضلعي ۾ 2022 جي برساتن ۾ ٻوڏ متاثرخاندانن کي خوشحال بڻائڻ ۽ سنڌ سان محبت جي اعتراف طور سنڌ ڳوٺ آباد (هائوسنگ اسڪيم) ايڪٽ 1987ع تحت رهائشي پلاٽ جون سندون ۽ ساڻ گهر لهرائڻ لاءِ فنڊز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

آمريڪي وزير جو بلاول سان فون تي رابطو، اسان جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان چاهيون ٿا: انٽوني بلنڪن

پاڪستان جي اقتصادي ڪاميابي آمريڪا جي اولين ترجيح آهي، پاڪستان سان تعميري ۽ جمهوري ڀائيواري جا خواهشمند آهيون

بلاول سان پاڪستاني معيشت جي بحالي، افغان صورتحال ۽ علائقائي ٽوڙي گڏيل خدشن بابت ڳالهيون ٿيون

اسلام آباد(م ر د) آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن جو پاڪستاني هم منصب بلاول ڀٽو زرداري سان فون تي رابطو ٿيو آهي. آمريڪي پرڏيهي وزير بلاول سان فون تي ڳالهائيندي چيو ته اسان جمهوري ۽ خوشحال پاڪستان چاهيون ٿا. هن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

گجرانوالا ۾ دهشتگردي ٽوڙ خاص عدالت فريادي ۽ جي موقف تبديل ڪرڻ تي راڻا ثناءُالله کي ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو

راڻا ثناءُالله خلاف چيف سيڪريٽري پنجاب، ڪمشنر لاهور ۽ ٻين آفيسرز ۽ سندن گهرڀاتين کي ڌمڪائڻ جي الزام هيٺ 25 آگسٽ 2022 تي ڪيس داخل ڪرايو ويو هو

راڻا ثناءُالله خلاف ڪيس قاف ليگ جي مقامي اڳواڻ شهڪاز اسلم جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو، راڻا ثناءُ ذاتي حيثيت ۾ عدالت آڏو پيش ٿيو

فريادي طرفان الزامن تان هٿ کڻڻ بعد عدالت راڻا ثناءُ الله کي ڪيس مان آجو قرار ڏئي ڇڏيو

گجرانوالا(م ر د) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُ الله کي دهشتگردي ۽ جي ڪيس مان آجو قرار ڏنو ويو آهي گجرانوالا ۾ دهشتگردي ٽوڙ خاص عدالت فريادي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءُالله

سنڌڙي ۾ ڪارنهن الزام هيٺ پاءُ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار سالڪ شر 26 سالن جي پيءُ جميعت زال الهه بخش شر کي پسٽل جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو

لاش تي پوليس پهچي مقتول لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو، جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

سنڌڙي (رپورٽر) سنڌڙي ويجهو ڪارنهن الزام هيٺ پاءُ پيءُ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. واقعي بعد علائقي ۾ خوف پکڙجي ويو آهي. ڳوٺ آچر شر ۾ واقعو پيش آيو جتي جوابدار سالڪ شر 26 سالن جي پيءُ جميعت زال الهه بخش شر کي پسٽل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڀارت ۾ سينيئر پوليس آفيسر زال کي قتل ڪري آپگهات ڪري ڇڏيو

واقعو مهاراشٽرا رياست ۾ پيش آيو جتي 57 ورهين جي اسسٽنٽ پوليس ڪمشنر ڀهريان زال ۽ ڀائٽي کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو واقعو ٽئين رات جو ساڍا 3 وڳي پيش آيو

اسسٽنٽ پوليس ڪمشنر بينر ايريا ۾ موجود بنگلي ۾ رهيل هو ۽ ڪيس تازوئي امرواتي ۾ اي سي پي مقرر ڪيو ويو هو

نئين دهلي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت ۾ سينيئر پوليس آفيسر زال ۽ ڀائٽي کي قتل ڪري پاڻ آپگهات ڪري ڇڏيو پارٽي ميڊيا موجب اهو واقعو مهاراشٽرا رياست ۾ پيش آيو جتي 57 ورهين جي اسسٽنٽ پوليس ڪمشنر ڀهريان زال ۽ ڀائٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ چوماسي جا وسڪارا، ڪيترائي شهر برساتي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا

ڪراچي، حيدرآباد، ڄامشورو ۽ ٻين شهرن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات، حيدرآباد ۾ ٽئين ڏينهن به وسڪارن ڪانپوءِ وڏيڪ ڪيترائي علائقا ٻڏي ويا

حيدرآباد جي ٽنڊي سڙڪ، آٽو ڀان روڊ، فتح چوڪ، اسٽيشن روڊ، مکي شاهه روڊ ۽ گدو چوڪ سميت ٻين علائقن مان پاڻي نيڪال نه ٿيو

ميئر ۽ انتظاميا پاران شهر مان پاڻي نيڪال ڪرڻ وارين ڪوششن تي جيسڪو پاڻي ڦيري ڇڏيو، شهر جا 50 کان وڌيڪ فيڊر بند ڪرڻ سبب پاڻي نيڪال ڪرڻ وارو عمل سخت متاثر رهيا

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ چوماسي جا وسڪارا ٽئين ڏينهن به جاري، وڌيڪ ڪيترائي شهر برساتي پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويا ڪراچي، حيدرآباد، ڄامشورو ۽ ٻين شهرن ۾ ڪٿي هلڪي ته ڪٿي تيز برسات، حيدرآباد ۾ ٽئين ڏينهن به وسڪارن ڪانپوءِ وڌيڪ ڪيترائي علائقا ٻڏي ويا حيدرآباد جي ٽنڊي سڙڪ، آٽو ڀان روڊ، فتح چوڪ، اسٽيشن روڊ، مکي شاهه روڊ ۽ گدو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

حيدرآباد: شهباز بلڊنگ اندر برساتي پاڻي بيٺل نظر اچي رهيو آهي

حڪومت پاران 621 ارب رپين جا ٽي بل نيلام

نيلامي ۾ 3 مهينن جا 571 ارب رپين جا ٽي بل وڪرو ٿيا

ڇهن مهينن جا بل 10 ارب رپيا نيلام ۾ وڪرو ٿيا

ڪراچي (اسٽاف رپورٽ)حڪومت ڪالهه 621 ارب رپين جا ٽي بل وڪرو ڪيا. اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان چيو آهي ته سرڪاري نيلامي ۾ وڪرو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

قوم جي ذميواري آهي ته نااهلن جو رستو روڪي: فضل الرحمان

سعودي عرب ۽ دبئي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ چاهين ٿا

ڊيرا اسماعيل خان اچڻ تي وزيراعظم جو ٿورائتو آهيان

ڊيرا اسماعيل خان (م ر د) جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته اسان روڊن تي ناجائز حڪومت خلاف احتجاج ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

عمران کي گرفتار ڪرڻ واري وارنٽ جي تعميل جي رپورٽ جمع

پي ٽي آءِ چيئرمين وڪيل جا گرفتاري وارنٽ چو ڏنا؟ خبر ناهي گرفتاري وارنٽ تي عمل ڪيئن ڪجي؟ پوليس کان پڇاڻو

ٻڌڻي دوران فواد چوڌري ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل شعيب شاهين اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿيا

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) اسلام آباد پوليس پي ٽي آءِ چيئرمين جي گرفتاري وارنٽ جي تعميل جي رپورٽ اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اڍائي مهينا جيل ۾ رهيس جتي موت جي سزا جا قيدي هئا: احسن اقبال

اڄڪلهه معلومات تائين پهچ تمام آسان آهي، دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ڪري رهي آهي

سماج لاءِ چئلينج اهو آهي ته اها بدلجندڙ دنيا سان ڪيئن ترقي ڪري ٿي: تقريب کي خطاب

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته منهنجي ضلعي ۾ اسپورٽس ڪمپليڪس ٺاهڻ جي ڏوهه ۾ مون اڍائي مهينا جيل ۾ گذاريا. جتي موت جي سزا جا قيدي رهندا آهن اسلام آباد ۾ تقريب کي خطاب ڪندي احسن اقبال چيو ته اڄڪلهه معلومات تائين پهچ تمام آسان آهي، دنيا سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ترقي ڪري رهي آهي. احسن اقبال جو چوڻ آهي ته سماج لاءِ چئلينج اهو آهي ته اها بدلجندڙ دنيا سان ڪيئن ترقي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

منصوبابند وارو وفاقي وزير احسن اقبال

ڊينمارڪ ۾ قرآن پاڪ جي بي حرمتي جو ٻيو افسوسناڪ واقعو

ٻن ماڻهن عراقي سفارتخاني جي سامهون قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪئي

سويڊن ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن دوران قرآن پاڪ جي بي حرمتي جا ٻه واقعا ٿي چڪا

ڪوپنهيگن (م ر د)قرآن پاڪ جي بي حرمتي جو هڪ ٻيو افسوسناڪ واقعو ڊينمارڪ ۾ پيش آيو جنهن ۾ ٻن ماڻهن عراقي سفارتخاني جي سامهون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ايٿوپيا سان واپاري ۽ اقتصادي رابطا وڌائڻ جي ضرورت آهي: صدر عارف علوي

نامزد سفير پاڪستاني شين جي ايڪسپورٽ، ٻطرفو واپار وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري

پاڪستان، ايٿوپيا لاڳاپا گڏيل تاريخ مفاد ۽ بين الاقوامي فورمز تي گڏيل حمايت تي ٻڌل آهن

اسلام آباد (بيورو) صدر ڊاڪٽر عارف علوي چيو آهي ته ايٿوپيا سان واپاري ۽ اقتصادي رابطا وڌائڻ جي ضرورت آهي پاڪستان ايٿر پيا جي ڪاروباري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

مانسهره جي ڏورانهين علائقي ۾ ڪچو گهر ڪري پيو، 3 ڄڻا فوت

مانسهره جي ڏورانهين علائقي ۾ ڪچو گهر ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا

عي ۾ ماءُ ۽ هڪ ٻارڙو به زخمي ٿيا آهن جن کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو: پوليس

پشاور: (م ر د) خيبرپختونخواهه ۾ برسات دوران پيش ايندڙ حادثن ۾ 11 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. پوليس موجب مانسهره جي ڏورانهين علائقي ۾ ڪچو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

جي ڊي اي پاران اپوزيشن اڳواڻ لاءِ ايم ڪيو ايم جي حمايت جو اعلان

ڊي اي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اميدوار رعنا انصار نقوي جي حمايت جو اعلان ڪيو

ايم ڪيو ايم پاڪستان جا دوست اسان وٽ آيا هئا. سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي لاءِ اتفاق راءِ پيدا ٿي ويو آهي: سردار عبدالرحيم

ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ جي ڊي اي اڳواڻن وچ ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي نالي تي ڳالهيون ٿيون آهن: ڊاڪٽر صفدر علي

ڪراچي: جي ڊي اي سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي لاءِ حمايت لاءِ ٿيل اجلاس جو ڏيک

ڪراچي(رپورٽر) جي ڊي اي سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي لاءِ ايم ڪيو ايم جي حمايت جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

پي ٽي آءِ جي درخواست تي توشه خانه ڪيس ٻڌڻي جوڳو مڃڻ خلاف اپيل ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) سپريم ڪورٽ ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

حڪومت عام چونڊن لاءِ فنڊ جاري ڪرڻ جي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي

اليڪشن ڪميشن سمورا فنڊز هڪ ئي رقم ۾ جاري ڪرڻ جي تجويز کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي: ناڻي وزارت ذريعا

اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته فنڊز اليڪشن ڪميشن کي مرحليوار ضرورت موجب جاري ڪيا وڃن، اليڪشن ڪميشن فنڊن لاءِ ناڻي واري وزارت سان گهرج مطابق رابطو ڪندو

عام چونڊن لاءِ مجموعي طور 42 ارب 42 ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا، پهرين مرحلي ۾ 10 ارب رپيا جاري ڪيا ويندا، جنهن جي منظوري گذريل مالي سال ڏني وئي هئي

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) حڪومت عام چونڊن لاءِ فنڊ جاري ڪرڻ جي حڪمت عملي کي حتمي شڪل ڏئي ڇڏي آهي، ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن سمورا فنڊز هڪ ئي رقم ۾ جاري ڪرڻ جي تجويز کي قبول ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

خيبر ۾ آپگهاتي ڌماڪو، ايڊيشنل ايس ايڇ او شهيد

شروعاتي جاچ موجب ڌماڪو آپگهاتي هو، آپگهاتي حملي آور نئين تعمير ٿيل مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي

پوليس ان جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي ته ان پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

ڌماڪو آپگهاتي هو ۽ شڪي شخص تلاشي دوران پاڻ کي ڌماڪي سان اڏايو: آءِ جي خيبرپختونخواهه

خيبر (ويب ڊيسڪ) خيبر پختونخواهه جي ضلعي خيبر ۾ علي مسجد ٿاڻي جي حدن ۾ ڌماڪي جي نتيجي ۾ ايڊيشنل ايس ايڇ او عدنان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

خيبرپختونخواهه :خيبر ۾ علي مسجد ٿاڻي جي حدن ۾ ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويل ايس ايڇ او عدنان آفريد

سڄاول جوڻيجو ويجهو جوابدار مبينا طور گهتا ڏئي 7 مهينن جي ٻار کي گهتا ڏئي قتل ڪري ڇڏيو

سڄاول جوڻيجو (رپورٽر) سڄاول جوڻيجو ويجهو ڳوٺ پير گل شاهه ۾ جتوئي جوابدار مبينا طور گهتا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

برسات : مختلف شهرن ۾ شاخن ۽ واهن کي گهارا، پاڻي گهرن ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو

شهدادڪوٽ ويجهو بيگاري واهه کي ڏيڍ سئو فوٽ گهارو لڳو، پاڻي ڳوٺ گل محمد جروار جي گهرن ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو

منهڙو ويجهو وسڪارن ڪانپوءِ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تازو پڪي ڪرايل ڊيفيل شاخ جا ڪپر ٽٽي پيا

جيڪب آباد ويجهو نور واهه کي ٻن هنڌن تان 30_30 فوٽن جا گهارا پيا، پاڻي فصل ٻوڙڻ بعد ڳوٺن ڏانهن وڌڻ لڳو

ڪراچي(نمائندن وٽان) چوماسي جي وسڪارن ڪانپوءِ سنڌ ۾ مختلف شاخن ۽ واهن کي ٽئين ڏينهن به گهارا پيا شهدادڪوٽ ويجهو بيگاري واهه کي ڏيڍ سئو فوٽ گهارو لڳو، پاڻي ڳوٺ گل محمد جروار جي گهرن ۽ فصلن ۾ ڪاهي پيو، اطلاع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثر 500 خاندانن ۾ مالڪاڻي حقن جي سند ورهائڻ واري تقريب

عمران خان گهر ۽ نوڪرين ڏيڻ جا ڪوڙا واعدا ڪيا، پ پ چيئرمين جي هدايت تي مالڪاڻا حق ڏنا پيا وڃن: نواب تيمور ٽالپر

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي خصوصي هدايت تي مالڪاڻا حقوق ترجيحي بنيادن تي ڏئي رهيا آهيون: ڪمشنر لاڙڪاڻو

حڪومت سنڌ روٽي ڪپڙا اور مڪان جي وزن تحت اڄ ذاتي گهر جو واعدو پورو ڪري ڇڏيو آهي: ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ

قمبر (م ر د)ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثر 500 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

قمبر: صوبائي وزير نواب تيمور ٽالپر برسات متاثرن کي مالڪاڻي حقن جا ڪاغذ ڏئي رهيو آهي

ڀارتي ناري انجو خيبر پختونخواهه جي نوجوان سان نڪاح ڪري ورتو

پشاور(م ر د) ڀارت مان پاڪستان پهتل پرڻيل ناري انجو ڪي پي جي نوجوان سان پرڻو ڪري ڇڏيو انجو ٻن ٻارن جي ماءُ آهي. ڀارت مان پاڪستان پهتل پرڻيل ناري انجو خيبر پختونخواهه جي نوجوان نصر الله سان نڪاح ڪري ورتو ڀارتي ناري انجو اسلام قبولڻ بعد دير بالا واسي نوجوان نصرالله سان دير جي ضلعي ڪورٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

معاشي ترقي لاءِ پهرين شرط شريف ۽ زرداري خاندان کي اقتدار کان ٻاهر ڪرڻ آهي: فواد چوڌري

ڇا اها معاشي پاليسي آهي جيڪا پاڪستان کي معاشي دلدل مان ٻاهر ڪيندي

پاڪستان ۾ معاشي ترقي صرف تڏهن ٿيندي جڏهن شريف ۽ زرداري خاندان حڪومت ۾ نه هجي

حڪومت عالمي مالياتي اداري کان قرض وٺڻ کان پوءِ هڪ طرف بجلي ۽ گيس جي قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ ڪري ڇڏي آهي

اسلام آباد (رپورٽر) سينئر سياستدان ۽ قومي اسيمبلي جي ميمبر فواد چوڌري چيو آهي ته ملڪي معاشي ترقي لاءِ پهرين شرط شريف ۽ زرداري خاندان جو اقتدار کان ٻاهر هجڻ آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ٽوئيٽر تي پنهنجي هڪ بيان ۾ هن لکيو آهي ته پي ڊي ايم جي موجوده حڪومت عالمي مالياتي اداري(آءِ ايم ايف) کان قرض وٺڻ کان پوءِ هڪ طرف بجلي ۽ گيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ٽرانس جينڊر جي تعليم جي حوالي سان ملڪ ۾ پهرين پاليسي سنڌ ۾ منظور ٿي رهي آهي: سردار شاهه

پيپلزپارٽي هميشه معاشري ۾ پٺتي پيل طبقي جي فلاح جي حوالي سان قانونسازي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي

اهڙا اسڪول انهن علائقن ۾ کوليا ويندا جتي ٽرانس جينڊر ڪميونٽي جا ماڻهو گڏجي رهندا آهن

آرٽيڪل 25 اي جي تحت ملڪ جي هر ٻار لاءِ تعليم بنيادي حق آهي ۽ تعليم ڏيڻ رياست جي ذميواري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تعليم ۽ ثقافت واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه چيو آهي ته ٽرانس جينڊر جي تعليم جي حوالي سان ملڪ ۾ پهرين پاليسي سنڌ ۾ منظور ٿي رهي آهي پيپلز پارٽي هميشه معاشري ۾ پٺتي پيل طبقي جي فلاح جي حوالي سان قانونسازي ۾ نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي اها ڳالهه هن اڄ پنهنجي آفيس ۾ ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي جي سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: گم ٿيل شيعه ماڻهن جي بازيابي لاءِ بک هڙتال ڪي اڳواڻ خطاب ڪندي

اياز لطيف پاران 3 آگسٽ تي ڪارونجهر بچايو ڪانفرنس ڪرڻ جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽر) قومي عوامي تحريڪ پاران 3 آگسٽ خميس جي ڏينهن منجهند 12 وڳي مٺي شهر ۾ ٿر بچايو، ڪارونجهر بچايو ڪانفرنس ڪرڻ جو اعلان، جنهن جي صدارت قومي عوامي تحريڪ جو سربراه اياز لطيف پليجو ڪندو اياز لطيف پليجو چيو ته ٿر ۽ ڪارونجهر سنڌ سونهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

سجاول ۾ منارڪي ريگيوليٽر جي آبادگارن پاران پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج

ريگيوليٽر جي آبادگارن حسين آزاد، سلطان ڪوسو، گل حسن رند ۽ ٻين پاران احتجاجي ريلي

منارڪي ريگيوليٽر جي آبادگار غريب مسڪين آهن هنن سان هر سال ظلم ڪيو ويندو آهي: مظاهرين

منارڪي ريگيوليٽر ۾ پاڻي جو گيج گهٽ هجڻ ڪري ٻين شاخن ۾ پاڻي نٿو پهچي، مٿان ڪان پاڻي جي کوٽ آهي

سجاول (رپورٽ ممتازعلي ٿهڙيو) سجاول ۾ منارڪي ريگيوليٽر جي آبادگارن پاران پاڻي جي کوٽ خلاف احتجاج. سجاول ۾ منارڪي ريگيوليٽر جي آبادگارن حسين آزاد، سلطان ڪوسو، گل حسن رند ۽ ٻين پاران خضدارآباد ڪان پيادل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

پاڻي جي کوٽ خلاف ڌرڻو

سجاول: منارڪي ريگيوليٽر جا آبادگار پاڻي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

شهدادڪوٽ ۾ محرم الحرام ۾ امن امان جي فضاء کي برقرار رکڻ لاءِ ڊي ايس آر پاران گشت

شهدادڪوٽ(رپورٽر) محرم الحرام ۾ امن امان جي فضاء کي برقرار رکڻ لاءِ ڊي ايس آر رينجرس محمود. ڊي ايس پي شهدادڪوٽ يار محمد رند. ايس ايڇ او (اي سيڪشن) علي انور بروهي، ايس ايڇ او (بي سيڪشن) عبدالمجيد تاريجو سب ڊويزن جي پوليس ۽ رينجرس اهلڪار سان گڏ فليگ مارچ ڪري سڪيورٽي جو جائيزو ورتو

غوثپور جي ڳوٺ ڏڙي سندراڻي ۾ ڪرنٽ لڳڻ دوران ماءُ معصوم ڌي کي بچائيندي فوت

ڏڙي سندراڻي ۾ نينگري هدايتان چنه وهنجڻ لاءِ ويئي ته اوچتو بجلي جي موٽر کي هٿ لڳي ويس

بچائيندي سندس 32 ورهين جي ماءُ مسمات شبيران چنه ڪيس بچائڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ فوت ٿي وئي

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور شهر پرسان ڳوٺ ڏڙي سندراڻي ۾ بجلي جي موٽر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب ماءُ پنهنجي معصوم ڌي کي بچائيندي فوت ٿي ويئي ڳوٺ ڏڙي سندراڻي ۾ ٽن ورهين جي نينگري هدايتان چنه وهنجڻ لاءِ ويئي ته اوچتو بجلي جي موٽر کي هٿ لڳي ويس جنهن سبب ڪيس بجلي جو جهٽڪو آيو ته نينگري کي بجلي جي ڪرنٽ مان بچائيندي سندس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شهدادڪوٽ ۾ برسات جون تباهه ڪاريون، گهر جي ڇت ڪرڻ ڪري عورت فوت، 2 ڄڻا سخت زخمي

ڳوٺ يار محمد بروهي ۾ برسات سبب سڪندر علي گاڏهي جي گهر جي ڇت اچانڪ ڌماڪي سان ڪري پيا

حادثي جي نتيجي ۾ 4 ٻارن جي ماءُ ريشمان فوت، مڙس نوجوان اختيار گاڏهي ۽ نوجوان جي ڀيڻ نظيران سخت زخمي

عورت جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، شيعا اڳواڻ ضمير حسين شاهه، سيد غلام سرور نقوي ۽ ڪيترائي شهري اسپتال پهتا

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ برسات جون تباهه ڪاريون گهر جي ڇت ڪرڻ ڪري عورت فوت هڪ عورت سميت ٻه ڄڻا سخت زخمي. شهدادڪوٽ شهر ويجهو ڳوٺ يار محمد بروهي ۾ برسات سبب سڪندر علي گاڏهي جي گهر جي ڇت اچانڪ ڌماڪي سان ڪري پئي جنهن جي نتيجي ۾ 4 ٻارن جي ماءُ ريشمان فوت ٿي وئي جڏهن ته سندس مڙس نوجوان اختيار گاڏهي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

چيلهار حيسڪو پاران سانڌهور اڪليون سميجا ليرياپيل ارنرو جي بجلي بند پيل

ملي (رپورٽر) چيلهار حيسڪو وارن جي بدمستي چار ڏينهن کان ڳوٺ سانڌهور اڪليون سميجا ليرياپيل ارنرو جي لائيٽ هٽن سان بند ڪري ڇڏي جڏهن کير ڪال ڪري پڇي ٿو بجلي ڇو بند آهي ته چون ٿا سبزهي ۽ ڳاڏي ڏيو وٺي اچو يا اوهان اڃا ناهيو برسات جي ڏينهن کان علاوءعام ڏينهن ۾ به حيسڪو عملو چيلهار/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

شهدادڪوٽ: ڳوٺ يار محمد بروهي ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب فوت ٿي ويل ناري جو مڙهه

وومين ايڪشن فورم طرفان راڄو خانائي واقعي ڊي اين اي رپورٽ کي جلدي جاري ڪرڻ جو مطالبو

واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو، معاملي جي راڄوڻي حل جي سختي سان مخالفت

ويرجي ڪولهي سان زيادتي ۽ بي رحمي سان قتل واري واقعي خلاف وومين ايڪشن فورم طرفان افسوس ظاهر

راڄو خانائي واقعو انسانيت کي لڄائيندڙ آهي جنهن جي جيتري مذمت ڪجي گهٽ آهي: امر سنڌو/ عرفانه ملاح

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) وومين ايڪشن فورم طرفان راڄو خانائي واقعي ڊي اين اي رپورٽ کي جلدي پڌرو ڪرڻ ۽ واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جو مطالبو معاملي جي راڄوڻي حل جي سختي سان مخالفت ڪئي ويندي تفصيل موجب راڄو خانائي پرسان ڳوٺ طيب جوڻيجو ۾ 7 سالن جي معصوم نينگري لڇمي ڌيءُ ويرجي ڪولهي سان زيادتي ۽ بي رحمي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر بدين پاران کلي ڪچهري

محتسب اعليٰ منظور علي سومرو ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ کلي ڪچهري ڪئي

استادن جا ڊفرنس بل ترجيحي بنيادن تي حل ڪري هڪ هفتي ۾ رپورٽ ڏني وڃي: هدايتون

امداد علي خاصخيلي اسد عبدالرزاق منڌرو علي رضا سمون ۽ ٻين پنهنجا مسئلا پيش ڪيا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ جي هدايتن تي ريجنل ڊائريڪٽر بدين صوبائي محتسب اعليٰ منظور علي سومرو بدين جي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيس ۾ کلي ڪچهري ڪئي جنهن دوران حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن پنهنجا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

بدين: صوبائي محتسب اعليٰ کليل ڪچهري ۾ شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

دولت پور صفن ۾ محرم جي شهيدن جي ياد ۾ درگاهه سيد مقيم شاهه ۾ مجلس عزا

دولت پور صفن (رپورٽر) سڄي دنيا جيان دولت پور صفن ۾ محرم الحرام جو چنڊ ڏسڻ سان ئي ڪربلا ۾ شهيد حضرت امام حسين عليه السلام ۽ سندس ٻچڙن جي عظيم شهادت ۽ دين اسلام لاءِ قرباني ڏيندڙ ڪربلا جي مڙني شهيدن جي ياد ۾ درگاهه سيد مقيم شاهه جيلاني امام بارگاهه شهزادا علي اڪبر ميزبان سيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

شهدادڪوٽ ۾ مختلف امام بارگاهن جي عزادارن پاران روڊ جي تعمير نه ٿيڻ خلاف احتجاج

انجنيئر روڊس عبدالقادر سانگي جي مبينا ڪرپشن خلاف امام بارگاهه حيدر فقير انجمن پاران ريلي

فاطمه سلام الله عليه کان علم پاڪ ڪڍي احتجاجي ريلي ڪڍي ڪرڻو مونو چوڪ تي ڌرڻو هڻي نعريبازي

صدر وهاب پندراڻي، سول سوسائٽي اڳواڻ مجاهد اعوان، ايس يو پي اڳواڻ حمل خان خشڪ مظاهري ۾ شريڪ

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شهدادڪوٽ ۾ مختلف امام بارگاهن جي عزادارن ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن شهر جي مختلف روڊن سميت، بگو ڏڙو روڊ جي تعمير نه ٿيڻ ۽ انجنيئر روڊس عبدالقادر سانگي جي مبينا ڪرپشن خلاف امام بارگاهه حيدر فقير انجمن دربار فاطمه سلام الله عليه کان علم پاڪ ڪڍي احتجاجي ريلي ڪڍي ڪرڻو مونو چوڪ تي ڌرڻو هڻي سخت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سجاول ۾ واپڊا انتظاميه جي نااهلي خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاجي مظاهرو

ضلعي اڳواڻ ممتاز علي لغاري، ريحان بوبڪ. فاروق شيدي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

سوشل ورڪر ڪفايت الله جان هوڙائي شيراز ملاح، سهيل زنگيجو، شير ملاح، ابراهيم سرائي شريڪ

مختلف محلن ۾ تقريبن هڪ هزار کان وڌيڪ گهرن جي بجلي گذريل 7 ڏينهن کان بند آهي: مظاهرين

سجاول (ڊ ر) سجاول ۾ واپڊا انتظاميه جي نااهلي خلاف ايس ٽي پي پاران احتجاج ڪيو ويو، سجاول ۾ واپڊا انتظاميه جي نااهلي ۽ عدم دلچسپي خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽي تعلقه سجاول پاران ايس ٽي پي ضلعي اڳواڻ ممتاز علي لغاري، ريحان بوبڪ، فاروق شيدي، سڪندر آمڙو، الهبخش پارهيڙي، سوشل ورڪر ڪفايت الله جان هوڙائي شيراز ملاح. سهيل زنگيجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سجاول: ايس ٽي پي اڳواڻ ۽ ڪارڪن واپڊا انتظاميا خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊوالهيار مان 27 ورهين جي شادي شده ناري ۽ نينگري مبينا گم

جهنڊمري (رپورٽر) ٽنڊوالهيار مان 15 ڏينهن اڳ 27 ورهين جي شادي شدا ۽ 7ورهين جي نينگري مبينا پرسرار نموني گم وارثن وس وارن کان ڳولا ڪرڻ جي اپيل تفصيل موجب ٽنڊوالهيار جي امان الله شاهه ڪالوني جي شادي شدا 27 ورهين جي بيواهه ۽ شبانا ڌيءُ عمرسوجي ۽ 7. ورهين جي نينگري شيواني ٻائي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

اسان تي پنهنجي ئي وساڻ برادري جا ماڻهون الزام لڳائي رهيا آهن: سعيد احمد وساڻ

ذاتي مسئلي کي مذهبي رنگ ڏئي انتشار پکيڙيندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا

شرپسند جهيڙي کي مذهبي رنگ ڏئي پيش ڪندڙن منهنجي ۽ منهنجي ٻين عزيزن تي الزام هڻي رهيا آهن

ڪجهه ماڻهون ذاتي مسئلي کي مذهبي رنگ ڏئي ڳوٺ جو امن تباهه ڪرڻ چاهين ٿا، شفاف جاچ ڪرائي وڃي

رانيپور (رپورٽر) اسان امن پسند ماڻهون آهيون اسان مٿان ڪجه پنهنجي ئي وساڻ برادري جا ماڻهو الزام لڳائي رهيا آهن جيڪي بلڪل غلط ۽ بي بنياد آهن ذاتي مسئلي کي مذ هبي رنگ ڏئي انتشار پکيڙيندڙن خلاف قانونو ڪار روائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيون ٿا ڳوٺ رحيم بخش وساڻ ۾ هلندڙ فساد جي شفاف جانچ ڪرائي وڃي. سعيد احمد وساڻ جي رانيپور ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي حد جي هيبت روڊ وٽ پوليس ۽ ڌاڙيلن ۾ مقابلو

مقابلي بعد هڪ مبينا ڌاڙيل بابل پيو زخمي حالت ۾ ساٿين سميت گرفتار ڪيو ويو

ڌوهه جي ارادي سان ويٺل جوابدارن فليگ مارچ کي ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي: عملدار

ڪنڊڪوٽ(غالب بلوچ) ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي حد جي هيبت روڊ وٽ پوليس جي ڪاروايي مقابلي بعد هڪ مبينا ڌاڙيل بابل پيو زخمي حالت ۾ ساٿين سميت گرفتار. زخمي کي اسپتال منتقل گرفتار زخمي ۽ ساٿي ڪان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

صحت مرڪز ڪڍڻ جي رهائشي ڪالوني جي ڪواٽر جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي

عملي جي دانهن ڪوڪن درخواستن جو صحت کاتي ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي: ذريعا

ڪڏهن به مرمت نه ٿي جيڪڏهن ڪو ٽينڊر ٿيو به ته ڏهن به ڪوارٽرن جو ڪم نه ٿي سگهيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) صحت مرڪز ڪڍڻ جي رهائشي ڪالوني جي ڪواٽر نمبر 2 جي ڇت ڌماڪي سان ڪري پئي ڪوارٽر جي اندر رهائشي عملي جا گهرڀاتي معجزانا طور محفوظ رهيا عملي جي دانهن ڪوڪن درخواستن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

بدين: صحت کاتي جي ڪوارٽر جي ڇت جا ڇاپڙ ڪريل نظر اچي رهيا آهن

سکر مان اغوا ٿيل ڳوٺ حسين ڪلوڙ جا 2 مغوي اڃا تائين آزاد نه ٿيا

ڊاڪٽر مظفر ڪلوڙ پاران عملدارن کان ٻه مغوي ڌاڙيلن کان آزاد ڪرائڻ جو مطالبو

پورهيت شاهجان ڪلوڙ ۽ بخش علي شيخ کي ڌاڙيلن اغوا ڪري ويا: ڊاڪٽر مظفر ڪلوڙ

سکر(رپورٽ امدد علي گل ڪلوڙ) 15 ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويا ڳوٺ حسين ڪلوڙ جا ٻ مغوي اڄ تائين آزاد نه ٿيا ڊاڪٽر مظفر ڪلوڙ پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بينظيريٽو سٽيزن ڪلب ٺٽون ديرو جي ماهوار انتظامي ڪاميٽي جو اجلاس

اجلاس چيئرمين نثارمحمد مراد پٽو ۽ ايڊوڪيٽ الله ڏنو پٽو جي صدارت هيٺ ٿيو

جنگل خان جوڻيجو، فنانس سيڪريٽري شهزادو علي چنو ۽ انتظامي ڪاميٽي جا ميمبر شريڪ

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٽو) شهيد راڻي محترم بينظيريٽو سٽيزن ڪلب ٺٽون ديرو جي ماهوار انتظامي ڪاميٽي جو اجلاس زيرصدارت چيئرمين نثارمحمد مراد پٽو ۽ ايڊوڪيٽ الله ڏنو پٽو جي. صدارت ۾ ٿي گذريو، اجلاس ۾ چيئرمين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڏڙو ۾ محرم الحرام دوران مذهبي فرقيواريت کي هٿي ملڻ وارين اطلاعن تي اجلاس

امن امان جي هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لا انتظاميا رينجرس سان گڏ گشت ڪيو

ڊي سي، ايس ايس پي سجاول رينجرز عملدارن ۽ پوليس جي وڏي نفري سان گڏ امام بارگاهه جو دورو

ڏڙو (ن سنڌ يار) ڏڙو ۾ محرم الحرام دوران مذهبي ٽوڙي هر قسم جي فرقيواريت کي هٿي ملڻ واري مبينا اطلاع تي امن امان جي هنگامي صورتحال/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

ڏڙو: ڊي سي، ايس ايس پي ۽ رينجرز جا عملدار امام بارگاهه جو دورو ڪري رهيا آهن

دادو جي ڳوٺ ٻيلو پٽڻ جي بااثر آبپاشي کاتي جو بيلدار سرڪاري پلاٽ وڪڻي ڇڏيو

جوهي برانچ جي ڪناري کان تقريبن 70 فوٽن تائين آبپاشي جو سرڪاري پلاٽ آهي

ٻيلي کاتي آبپاشي جي اختيارين ۽ ڪورٽ ۾ ثبوتن سوڌو پٽيشن داخل ڪرائيندا سين

دادو(ن سنڌيار) دادو جي ڳوٺ ٻيلو پٽڻ جي بااثر آبپاشي کاتي جو بيلدار سرڪاري وڪڻي ۽ سرن ڪان ٻو ٽيون وڏو ڪارنامو ڳوٺ جو آساس ۽ آبپاشي کاتي جو سرڪاري پلاٽ وڪڻي ڇڏيو بااثر آبپاشي بيلدار ابراهيم ملاح ڳوٺ وارن کي چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين پاران ڪلهوڙا برادري جي وارثن سان تعزيت

ڪميل حيدر شاهه خوني جهيڙي ۾ مارجي ويل ڪلهوڙا برادري جي وارثن سان تعزيت ڪئي

ڪلهوڙا برادري جي مقتولن جي وارثن وٽ پهچي تعزيت ڪئي ۽ ڪين ڀرپور انصاف جو يقين ڏياريو

سکر(اداد علي گل ڪلوڙ) ضلعي ڪائونسل سکر جي چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه ايس ايس پي سکر سان گڏ پنوعاقل جي ساڻگي رضا ڳوٺ واري علائقي ۾ مهر ۽ ڪلهوڙا برادري وچ ۾ خوني جهيڙي ۾ مارجي ويل ڪلهوڙا برادري جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر: پ پ اڳواڻ ڪميل حيدر شاهه ڳوٺاڻن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

سکر ۾ فيڊرل بيورو آف روينيو جي اسٽينو ٽائپسٽ جي رٽائرڊ ٿيڻ تي الوداعي تقريب منعقد

اسٽينو ٽائپسٽ خالد شيخ جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي ٽيڪس هائوس سکر ۾ تقريب منعقد

جنرل سيڪريٽري غلام اڪبر چانڊيو الهيان ميراڻي شمير منگي جاويد انصاري پناڻ ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

سکر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ)فيڊرل بيورو آف روينيو(ايف بي آر)سکر جي اسٽينو ٽائپسٽ خالد شيخ جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي ٽيڪس هائوس سکر ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڪمشنر ايف بي آر سکر ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

روهڙي ڪوٽڙي ريلوي لائين تي سال کان بند پيل بولان ميل جي بحالي لاءِ احتجاج

ايڪسپريس شاهنواز پئسينجر جي بحالي لاءِ سيتا سرڪٺار فورم پاران جدوجهد جاري

نيشنل بئنڪ پرسان فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) روهڙي ڪوٽڙي ريلوي لائين تي هڪ سال کان بند پيل مسافر ريل گاڏين مان موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي ڪانپو، بولان ميل ۽ خوشحال خان خٽڪ ايڪسپريس شاهنواز پئسينجر جي بحالي لاءِ سيتا/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ٺٽو ميونسپل ڪميٽي جو بجيٽ اجلاس، ڪو به نئون ٽيڪس نه لڳايو ويو

چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٺٽو ادا محمد ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

وائيس چيئرمين عزيز پڪيڙو، ڪائونسلر ميونسپل ڪميٽي ٺٽو سيد منظور شاهه شريڪ

ٺٽو(جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽو ميونسپل ڪميٽي جو بجيٽ اجلاس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي ٺٽو ادا محمد ميمڻ جي صدارت هيٺ ٿي گذريو بجيٽ اجلاس دوران ڪو به نئون ٽيڪس نه لڳايو ويو 20 ڪروڙ روپين جو ٽيڪس فري بجت آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

رانيپور: سعيد وساڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

ريلوي سکر جي آفيسرن ۽ سکر انتظاميا جي نااهلي، ريلوي اسٽيشن جي احاطي ۾ برساتي پاڻي بيٺل

ريلوي اسٽيشن ۽ بڪنگ آفيس سکر جي احاطي ۾ برسات جو پاڻي گڏ ٿي ويو مسافرن ۽ شهرين کي پريشانيون

سکر ريلوي اسٽيشن جي احاطي ۾ ٻه برسات جو پاڻي جمع ٿيڻ ڪري تلاءُ جو منظر پيش ڪري رهيو آهي: شهري اڳواڻ

سکر ريلوي اسٽيشن ٻاهران گڏ ٿيل برساتي پاڻي جي نيڪال ڪيو وڃي. نه ته احتجاج وسيع ڪنداسين: ميڊيا سان ڳالهيون

سکر(بيورو رپورٽ) ريلوي سکر جي آفيسرن ۽ سکر انتظاميا جي نااهلي، ريلوي اسٽيشن ۽ بڪنگ آفيس سکر جي احاطي ۾ برسات جو پاڻي گڏ ٿي ويو. بڪنگ لاءِ ايندڙ مسافرن ۽ شهرين کي سخت تڪليف ۾. شڪايتن باوجود ريلوي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

سکر: ريلوي اسٽيشن ٻاهران برساتي پاڻي بيٺل آهي

پيرلوءِ سيپڪو روهڙي جي عملدارن پاران ڪنيڪشن ڪٽڻ واري عمل خلاف احتجاج

پيرلو(پيرلوءِ رپورٽر) پيرلوءِ سيپڪو روهڙي جي عملدارن پاران پيرلوءِ شهر جي بجليءِ جو ڪنيڪشن ڪٽڻ واري عمل خلاف گرميءِ جا ستل شهري سيپڪو روهڙي جي ناجائزن خلاف پيرلوءِ جا شهري هٿن علم پاڪ کڻي گهرن کان ٻاهر نڪري آيا . سيپڪو عملدارن پيرلوءِ شهر جي بجلي بند ڪري ٿاڻي اندر وڃي ويهي رهيا. پيرلوءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

محرم الحرام جي سلسلي ۾ نوشهروفيروز پوليس ۽ رينجرز جو گڏيل فليگ مارچ

امن امان برقرار رکڻ لاءِ سب ڊويزن نوشهروفيروز جي مختلف علائقن ۾ فليگ مارچ ڪيو ويو

رينجرز جي آفيسرن ۽ جوانن سميت وڏي انگ ۾ اهلڪارن شرڪت ڪئي، اڳواڻن سان ملاقاتون

نوشهروفيروز (رپورٽ:منظور ملڪ) محرم الحرام جي سلسلي ۾ نوشهروفيروز پوليس ۽ رينجرز جو گڏيل فليگ مارچ امن امان برقرار رکڻ لاءِ سب ڊويزن نوشهروفيروز جي مختلف علائقن ۾ فليگ مارچ ڪيو ويو ايس ايس پي نوشهروفيروز ڪيپٽن (ر) صدام حسين جي حڪم تي سب ڊويزن نوشهروفيروز جي مختلف علائقن ۾ محرم الحرام دوران امن امان برقرار رکڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڏڙو پرسان فور ايل سر نالو اوور ٽاپ، 15 ڳوٺ ۽ ايڪڙن تي مشتمل فصل پاڻي هيٺ اچي ويو

برسات کان پوءِ ابڙال پرسان سر نالو فور ايل اور ٽاپ ٿيڻ سبب ابتو وهڻ ڪري ڳوٺ پاڻي هيٺ اچي ويا

يار محمد پنيرو، ڳوٺ لونگ ڪنڊرا سميت 15 کان وڌيڪ ڳوٺ ۽ سوين ايڪڙ زرعي زمينون پاڻي هيٺ اچي ويون

سر نالو اوور ٽاپ ٿيڻ ڪري سوين ايڪڙن تي بيٺل ساريالو فصل پاڻي هيٺ اچي ويو، وڌيڪ ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو آهي: رهواسي

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو پرسان فور ايل سر نالو اوور ٽاپ /سوين ايڪڙن تي مشتمل فصل پاڻي هيٺ /15 کان وڌيڪ ڳوٺ ٻڏي ويا، وڌيڪ ڳوٺ ٻڏڻ جو خطرو، مختلف علائقن ۾ حالتون سنگين ٿيڻ جو خطرو، ڏڙو، لاڪيپور ۽ پرياسي جي مختلف علائقن ۾ پنجن ڏينهن کان جاري برسات کان پوءِ ابڙال پرسان سر نالو فور ايل اور ٽاپ ٿيڻ سبب ابتو وهڻ ڪري ڳوٺ قاسم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ڏڙو: فور ايل سر نالو اوور ٽاپ ٿيڻ سبب فصل ٻڏل نظر اچي رهيا آهن

ڪنب شهر جي بينظير ڪالوني مان 15 سالا صنم ميگهواڙ مبينا اغوا، احتجاج

ڪنب (رپورٽر) ڪنب شهر جي بينظير ڪالوني مان 15 سالا صنم ميگهواڙ مبينا اغوا، اين سي داخل احتجاج ڪنب شهر جي بينظير ڪالوني مان 15 سالا صنم ڌي ٽندو عرف ٽد ميگهواڙ مبينا اغوا ڪنب پريس ڪلب تي ٽندو عرف ٽد ميگهواڙ احتجاج ڪندي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي 15 سالا ڌي صنم ميگهواڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

اوٻاوڙو ويجهو چوڪماڙي روڊ تي حادثو، 3 ڄڻا ٿڏي تي فوت ٿي ويا

سونڻ شاخ جا رهواسي ٽي ڄڻا ڪمون شهيد وڃي رهيا هئا ته موٽر سائيڪل سلپ ٿي

ٽرڪ موٽر سائيڪل سوارن عاشق عالماڻي، عبدالمالڪ ملڪ. پهلوان ڏونڏو مٿان چڙهي وئي

اطلاع تي اوٻاوڙو پوليس ۽ موٽروي پوليس موقعي تي پهچي فوتين جا لاش اسپتال پهچائي ڇڏيا

اوٻاوڙو (رپورٽ:غلام علي رند) اوٻاوڙو ويجهو چوڪماڙي روڊ حادثو ٽيو آهي . اوٻاوڙو لڳ سونڻ شاخ جا رهواسي 3 ڄڻا چيڪاڻي موقعي تي فوت ٿي ويا آهن اوٻاوڙو تفصيل موجب سونڻ شاخ جا رهواسي 3 ڄڻا اوٻاوڙو کان ڪمون شهيد وڃي رهيا هئا ته اچانڪ موٽر سائيڪل سلپ ٿي پٺي جن مٿان سنڌ کان پنجاب ويندڙ ٽرڪ موٽر سائيڪل سوارن عاشق عالماڻي،عبدالمالڪ ملڪ ./بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽون ديرو ۾ وڳڻ جي رهواسڻ پاران حياتي کي خطرو هئڻ ڪري پريس ڪلب پهچي احتجاج

گهران نڪري لاڙڪاڻي جي عدالت ۾ چنگيز چانڊيو سان پسند جو پرڻو ڪيو هيو: انمول ڌيءُ فدا حسين

والد پوليس سان ملي پڳت ڪري مڙس چنگيز کي هاف يا قل فرائي ڪرائڻ جون سازشون ڪري رهيو آهي

اسان جي جانين کي وڏو خطرو هجڻ ڪري اسان دربدريءَ واري زندگي گهارڻ تي مجبور بڻيل آهيون: ڳالهيون

ٺٽون ديرو(رپورٽ:شاد پٽو) وڳڻ جي رهواسڻ انمول ڌيءَ فدا حسين چانڊيو مڙس ۽ پنهنجي حياتي کي خطرو هئڻ ڪري تحفظ ۽ انصاف لاءِ ٺٽون ديرو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته مان 18 ڊسمبر 2021 ع ۾ گهران نڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٺٽون ديرو: وڳڻ واسڻ ناري انمول چانڊيو پريس ڪانفرنس ڪري رهي آهي

ڪنڊيارو ويجهو ڪمالديرو ۾ يونين ڪائونسل آفيس ۾ پ پ چيئرمين پاران گڏجاڻي

ڪنڊيارو (رپورٽر) ڪنڊيارو ويجهو ڪمالديرو ۾ يونين ڪائونسل آفيس ۾ پ پ پ چيئرمين غازي صلاح الدين ڏهراج ۽ وائيس چيئرمين محبوب علي ابڙو جي سربراهي ۾ محرم الحرام جي حوالي سان اهم ميٽنگ ٿي گذري ميٽنگ ۾ شيعا علماءِ ڪائونسل ضلع اڳواڻ مولانا امجد جعفري ۽ گلزار احمد گوپانگ ڪمالديرو روول/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سکر ۾ ٻه تيز برسات پوڻ سبب روڊ رستا پاڻي هيٺ اچي ويا، پاڻي نيڪالي جو عمل جاري

گهنٽا گهر چوڪ سميت ڪاروباري مرڪزن مان برساتي پاڻي نيڪال ٿيڻ بعد سرگرميون بحال

سکر جي ٽائون ڪميٽي مڪي شاهه جي وائيس چيئرمين مرتضا گهانگهرو جي هدايتن تي ڪم جاري

ميونسپل عملو ساڳيو ئي آهي پر انهن کان ڪم وٺڻ جو طريقو صرف مرتضا گهانگهرو وٽ آهي: شهري اڳواڻ

سکر(رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ جي ٻين شهرن جيان سکر ۾ ٻه تيز برسات پوڻ سبب روڊ رستا پاڻي هيٺ اچي ويا، منتخب بلدياتي نمائندن ۽ ميونسپل عملي جي محنتن سان سکر جي گهنٽا گهر چوڪ سميت ڪاروباري مرڪزن مان برساتي پاڻي نيڪال ٿيڻ بعد معمول مطابق ڪاروباري سرگرميون بحال ٿي ويون. تفصيل موجب، سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات جو پيل تيز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

عورتن جي ڀلائي لاءِ ٻه رات ڏينهن پارٽي قيادت ڪم ڪري رهي آهي، مسئلا حل ڪنداسين: شهلا رضا

جي پي ايس 100 سچل ڳوٺ نوجوانن ۽ عورتن جي سکيا فراهم ڪئي ويندي، سينٽر کوليو ويو آهي

15 هزار خاندانن جي نوجوانن ۽ عورتن جي سکيا جي لاءِ ڪمپيوٽرز ۽ آن لائين ڪورس سيکاريا ويندا

سچل ڳوٺ ۾ صوبائي وزير سنڌ سوشل وومين ڊولپمينٽ سيده شهلا رضا پاران سينٽر جو افتتاح پڻ ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) جي پي ايس 100 سچل ڳوٺ ۾ پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ صوبايي وزير سيدا شهلا رضا جي ڪوشش ۽ سماجي تنظيم جي سهڪار سان 15 هزار خاندانن جي نوجوانن ۽ عورتن جي سکيا جي لاءِ ڪمپيوٽرز ۽ آن لائين ڪورس سميت هيو هنري سکيا ڏنو ويندو، ڪورس مڪمل ڪرڻ بعد عورتن کي هنري ڪٽ ڏني ويندي ۽ پنهنجو روزگار ڪري سگهنديون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ڪراچي: صوبائي وزير شهلا رضا تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

امام حسين عليه السلام جي زندگي مسلمانن لاءِ مشعل راهه آهي: محمد اسلم شيخ

ڪورنگي (رپورٽر) سيدنا امام حسين عليه السلام جي زندگي تمام مسلمانن لاءِ مشعل راهه آهي محمد اسلم شيخ محرم جي مقدس مهيني ۾ گڏيل رواداري پائيجاري ۽ مذهبي هم آهنگي کي فروغ ڏنو وڃي خبر موجب وطن پاڪستان امن فورس جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري محمد اسلم شيخ محرم الحرام جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوشهرو فيروز ۾ ٽن ڏينهن کان وقفي وقفي سان برسات وڏي تباهي مچائي ڇڏي

پريا سٽي، پريارو روڊ، پڊعيدن، ڦل، دريا خان مري، خانواهڻ، منياڻي ۽ ٻين علائقن ۾ پاڻي بيٺل

نوشهرو فيروز شهر جا مک رستا منياڻي روڊ، پڊعيدن روڊ، الله وارو چوڪ، حبيب چونڪ متاثر ٿي ويا

حبيب چونڪ، هيناهين چوڪ، اسٽيشن روڊ، سول اسپتال روڊ مڪمل پاڻيءَ جي گهيري ۾ آهي: شهري

نوشهرو فيروز(ڊ. ر) نوشهرو فيروز ۾ ٽن ڏينهن کان وقفي وقفي سان برسات وڏي تباهي مچائي ڇڏي آهي. شهر نوشهرو فيروز جا مٿن روڊ رستا گهٽيون برسات ۽ گٽرن جي گندي پاڻي ۾ ٻڏل آهن جنهن سبب شهري وڏي ويل ۾ آهن. ضلعي نوشهرو فيروز جي سمورن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ به ساڳئي صورتحال آهي. پريا سٽي، پريارو روڊ، پڊعيدن، ڦل، دريا خان مري، خانواهڻ، منياڻي، ناروشاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر:
اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

اربع 26 جولاءِ 2023ع

مينهوڳيءَ سبب ٿيل نقصان ۽ انتظاميا جا پرڪار

دنيا جي ملڪن موسمي تبديلين سان گڏ جيئڻ جو ڍنگ سکي ورتو آهي، پر اسان انهن تبديلين موجب، پنهنجي جيئڻ جو رنگ ۽ ڍنگ بدلائڻ بدران پاڻ کي فطرت جي رحم ۽ ڪرم تي ڇڏي ڏنو آهي، اهوان جوئي نتيجو آهي، جو اسان انهن موسمي تبديلين کان گهڻو متاثر ٿي رهيا آهيون. قدرتي آفتون ته اوچتو اينديون آهن ۽ گهڻي ڀاڱي انهن تي انسان جو وس ناهي هلندو، پر چوماسو مينهن ته منداٽتو مينهن آهي، پر اسان وٽ انتظاميا ان جي به تياري ناهي ڪندي، ته برساتي پاڻي ڪيئن نيڪال ڪجي، عوام جا اهنج ڪيئن گهٽائجن! هن وقت به چوماسي جي وڏ ــ ڦڙي وسڪار جا ڏينهن آهن. مينهن سبب سنڌ جي مختلف شهرن ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ 5 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن ۽ ڪيترن جي زخمي ٿيڻ جون خبرون آهن. گهرن جون ڇتيون ڪري پيون آهن. نئيون وهي اچڻ ڪري زميني رابطا ڪٽجي ويا آهن. نئين جي وهڪرن ۾ 4 ڄڻا لڙهي ويا، جن مان ٽن جا لاش ڪڍيا ويا آهن. ڪاڇي ۾ گاج سوڊو ۽ ٻين نئين ۾ چاڙهه سبب رستا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا آهن. ڳوٺن جو شهري علائقن سان زميني رابطو ڪٽجي ويو آهي. ونگو جبل تان ڇپون ڪرڻ سبب ايم 8 موٽروي بند ٿي وئي، جنهن ڪري سنڌ ۽ بلوچستان ايندڙ ويندڙ گاڏيون ونگو جبل تي قاتل آهن. اهي طوفان، برساتون، جبلن تان ڇپون ڪرڻ جا واقعا دنيا جي سڀني ملڪن ۾ ٿين ٿا، پر اتي جا حڪمران عوام جا اهنج گهٽائڻ لاءِ اپاءَ وٺن ٿا. ۽ هتي ته اسان جي حڪمرانن جو انتظامي اندازئي 'اور' آهي. اهي ويتر انهن اهنجن کي گهٽائڻ بدران سرس ۽ سوايو ڪرڻ ۾ وسان نٿا گهٽائين. اڄان ڪڪري ڪني مس ٿي ڪڍي ته هتي بجلي بند ٿيو وڃي، جنهن ڪري ماڻهن کي ميونسپل سهولتون نٿيون ملن. حڪمران بجليءَ جي بنا خلل ۽ رُخني جي وهڪ کي يقيني نٿا بڻائي سگهن. جو انهن جو بجلي ڪمپنين جي اڳيان وس نٿو هلي. "مينهن وسي ته پهر، ته چنو وسي ته پهر" جي مصداق ڪجهه ڪلاڪن جي برسات جو پاڻي ڪئين مهينن تائين نڪري نه سگهندو آهي. هن وقت توڙي جو مڪاني نظام جي نون "بادشاهن" به ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، پر اهي ڪهڙو ڪم پيا ڪن. اها پروڙ پرور ڪي! واهن ۽ شاخن جي ڪاٽيءَ جي پئسن تي ڪاٽ لڳڻ جي ڪري انهن جي هر سال ڪاٽي نه ٿي سگهندي آهي، جنهن ڪري انهن جو پيٽ لٽجندو وڃي. ان سبب انهن جي پاڻي ڪٽڻ جي گنجائش گهٽجي وئي آهي ۽ ٿورڙو پاڻيءَ جو دٻاءُ وڌڻ جي ڪري انهن ۾ گهارا پئجي ٿا وڃن، جنهن ڪري ٻڙ ڳوٺ ۽ فصل ٻڏي ٿا وڃن. جنهن کي پاڻيءَ جي بهتر انتظامڪاريءَ ۽ ريگيوليشن سان گهٽ هاڃيڪار بڻائي سگهجي ٿو، پر منتظمين اهو سڀ ڪجهه ڇو ڪن؟ ڇو ته قدرتي آفتون، ٻوڏون ۽ برساتون ئي انهن جي لاءِ منافعي جا موقعا آڻينديون آهن. چوماسي جا مينهن اوچتو ته ڪونه ٿا اچن. انهن جي موسم مخصوص هوندي آهي. پر ان لاءِ ڪنهن هنگامي حالت کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ ڪا به تياري ڪانه ڪئي ويندي آهي. جڏهن به ڪي مينهن ڪٽيون وسنديون آهن ته بجلي ڪمپنين کي به موقعو ملي ويندو آهي ۽ بجلي ڏگهي موڪل تي هلي ويندي آهي. بجليءَ جا فيڊر ٽرپ ٿي ويندا آهن ۽ مينهوڳي جيڪي اهنج آڻيندي آهي. بجليءَ جي بندش انهن کي ويتر وڌائي ڇڏيندي آهي. مطلب ته هر ادارو عوام جي اذيت وڌائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو رهندو آهي. ادارن ۾ ڪا به ڪوآرڊينيشن يا رابطي ڪاري نه هجڻ ڪري به گهڻا مسئلا پيدا ٿين ٿا ۽ انهن جي شدت ۾ واڌ اچي ٿي. هر ادارو رڳو پنهنجو ڪم فرض شناسيءَ سان ڪري ته به گهڻي بهتري اچي سگهي ٿي. هن وقت حالت اها آهي ته ٻهراڙيون ته پري جي ڳالهه، شهرن ۾ به پاڻي ڀريل آهي، جنهن ڪري زندگيءَ جو وهنوار شديد متاثر آهي. برساتي توڙي گٽرن جي پاڻيءَ جي نڪاسي بجليءَ جي بندش جي ڪري شديد متاثر ٿي رهي آهي ۽ مڪاني ادارن جي انتظاميا جنريٽرن هلائڻ جو متبادل انتظام ڪري نه سگهي آهي.

اسان کي احساس آهي حڪمرانن جي گوناگون مصروفيتن جو انهن کي پنهنجي باوقار رخصتيءَ" جون تياريون به ڪرڻيون آهن. پر جيستائين اهي منصبن ۽ مسندن تي ويٺا آهن، تيستائين ته پنهنجو منصبي فرض پورو ڪرڻ واجب آهي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته مينهوڳيءَ سبب بيٺل پاڻي ڪڍڻ جا اپاءَ ورتا وڃن، بجليءَ جي بنا رنڊڪ فراهميءَ کي يقيني بڻايو وڃي، اڃا ته 31 جولاءِ تي شديد برسات جي اڳڪٿي آهي، جنهن ڪري اربن فلڊنگ جو خطرو آهي. ان لاءِ به نالن جي صفائيءَ سميت اڳواٽ اپاءَ وٺڻ جي ضرورت آهي. برسات سبب ٿيل نقصان جو ازالو ڪرڻ جي پڻ ضرورت محسوس ڪرڻ گهرجي.

سماجي ادارن جو ڪردار ۽ حڪمت عمليون

نصير ميمڻ

جيئن جيئن سنڌ ۾ وچولو طبقو اسري رهيو آهي، مختلف نوعيت جا سماجي ادارا به جنم وٺي رهيا آهن. ڪجهه سماجي ۽ نيم سياسي ادارا گهڻي عرصي کان سرگرم رهيا آهن ۽ اڄان تائين ڪجهه نه ڪجهه ڪري رهيا آهن. انهن ۾ سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ امريڪا (سانا) ۽ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) جا نالا مثال طور کڻي سگهجن ٿا. ويجهڙ ۾ ڪجهه ٿنڪ ٽينڪس به جنم ورتو جن ۾ سنڌ ويزن، سنڌ ڊيموڪريٽس فورم، سنڌ واچ وغيره شامل آهن. اهي تنظيمون به روايتي سنڌي سماج جي روڳن جو شڪار رهن ٿيون، جن ۾ عهدن تان اختلاف، گروپ ناهڻ. ڪجهه عرصو هلي بند ٿي وڃڻ يا هم خيال دوستن سان چانهن يا ماني تي ڪچهري ڪري سوشل ميڊيا تي خبر ڏيئي ڇڏڻ وغيره شامل آهن. پڙهيل لکيل ماڻهو جيڪي ڪن سببن جي ڪري سڌو سنئون سياسي ڪردار ادا نٿا ڪري سگهن، اهي ان قسم جي فورمز ناهڻ کي اوليت ڏين ٿا. انهن پليٽ فارمن تان ڪردار ته تمام وڏو ادا ڪري سگهجي ٿو پر ان لاءِ چرپر، حڪمت عملي ۽ مستقل مزاجيءَ جي ضرورت هوندي آهي. سماج جي گوناگونيت سبب مختلف بيهڪ جا ادارا نهڻ ۾ ڪا به خرابي ناهي. قومي حقن جي جدوجهد گهڻ پاسائين هوندي آهي، جنهن ۾ هر ماڻهو پنهنجي حال ۽ حالتن آهر ڪردار ادا ڪندو آهي. سڀ ماڻهو سڌو سنئون سياسي سرگرمي نه ڪري سگهندا آهن پر جيڪڏهن اهي پنهنجي وس آهر مستقل مزاجيءَ سان با معنيٰ ڪردار ادا ڪن ته اهو سياسي عمل کي ٽيڪ ڏئي ٿو. وسيع معنيٰ ۾ اهي سڀ اڳڀرايون پنهنجي جوهر ۾ سياسي عمل جو حصو ئي هونديون آهن. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته يونيورسٽي جي شاگرد طور مان سنڌ ڊيموڪريٽس فورم جو هڪ رضاڪار ڪارڪن هئس. 1991ع ۾ ان فورم آدم ڳڻپ وقت ايڏي زبردست مهم هلائي، جو سنڌين جو ڳڻپ ۾ انگ غير معمولي طور تي ايترو گهڻو نڪتو جو حڪمرانن کي ان آدم ڳڻپ جا نتيجا رد ڪرڻا پئجي ويا. ان وقت پرائمري استادن جي تنظيم پ ٽ الف، سنڌ پروفيسرز اينڊ ليڪچررس ايسوسيئيشن (سپلا)، سگا، سنڌي ادبي سنگت، سنڌ ايجوڪيشن ٽرسٽ وغيره تمام گهڻيون سرگرم تنظيمون هيون. انهن جو ڪم متحرڪ سياسي تنظيمن کان ڪهڙي به طرح گهٽ نه هو آدم ڳڻپ، ڪالا باغ ڊيم ۽ ٿل ڪئنال جي مخالف جدوجهد، ڌاري آبادڪاري ۽ اين ايف سي بابت سياسي جدوجهد ۾ اهي تنظيمون لانگ مارچن، بک هڙتالن، سيمينارن ۽ پريس ڪانفرنسن ۾ گڏ هونديون هيون. سنڌ قومي اتحاد جي سرگرمين ۾ اهي سڀ تنظيمون گڏ هونديون هيون. ان کان اڳ به مرحوم غلام مصطفيٰ شاهه جي سرونٽس آف سنڌ سوسائٽي جي گڏجاڻين ڪانپوءِ جاري ٿيندڙ تفصيلي بيان به نهايت اثرائتا هوندا هئا. اهي بيان ڪتابي شڪل ۾ به شايع ڪيا ويا. 2000ع واري ڏهاڪي ۾ سنڌ اندر سرگرم اين جي اوز به باقي صوبن جي ابتڙ سنڌ ۾ ڀرپور سياسي ڪردار ادا ڪيو. منڇر ڍنڍ، ايل بي او ڊي رٿا، تيل ۽ گئس جي وسيلن، پاڻيءَ واري ناهه جي ڇڪتاڻ، انڊس ڊيلٽا جي صورتحال، ٻيٽن جي وڪري ۽ ڍنڍن تي قبضن خلاف هر مهم ۾ سنڌ جون اين جي اوز اهم ڪردار ادا ڪنديون رهيون. اين جي اوز جي پروجيڪٽن ۾ انهن سمورن مسئلن تي سرگرميون شامل هونديون هيون. انهن جي آفيسن ۾ گڏجاڻيون ۽ ليڪچر ڪوٺائڻ، انهن معاملن تي سيمينار ڪرائڻ، معلوماتي مواد ڇاپڻ ۽ جاڳرتا مهم هلائڻ ۾ اين جي اوز جا وسيلا عوامي حقن واري جدوجهد ۾ ڀرپور نموني استعمال ٿيندا هئا ۽ سنڌن ڪارڪن ڀرپور نموني شرڪت ڪندا هئا.

ڪجهه مهينا اڳ جڏهن آدم ڳڻپ شروع ٿي ته ان حساس معاملي تي سڀ کان پهريون سيمينار سانا پاران ڪراچي ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ آدم ڳڻپ وارو معاملو سنڌ سطح تي بحث ۾ اچي ويو اڳتي هلي ان سيمينار ۾ اٿاريل نڪتن جي بنياد تي سنڌ حڪومت وفاقي حڪومت کي خط لکي سنڌ واسين جي خدشن کي وفاق تائين پهچايو.

مجموعي طور تي سنڌ ۾ سياسي جماعتن جيان سول سوسائٽي تنظيمن، اين جي اوز، ميڊيا توڙي ٿنڪ ٽينڪس جو ڪردار واکاڻ جوڳو رهيو آهي. ملڪ جي ڪنهن به ٻئي صوبي ۾ عوامي حقن بابت ايتريون گڏيل اڳڀرايون گهٽ نظر آيون هونديون. ان سڄي عمل ۾ ضرور ڪن ادارن ۽ فردن ۾ ڪوتاهيون به رهيون هونديون، ڪي ڳالهيون اڻٽڙندڙ به ٿيون هونديون، جن تي اختلاف راءِ رکي سگهجي ٿو پر انهن سڀني ادارن جي گڏيل جدوجهد جي نتيجي ۾ سنڌ واسين مختلف معاملن تي ڪامياب اڳڀرايون ڪيون آهن. آدم ڳڻپ، ڪالا باغ ڊيم، انڊس ڊيلٽا جو ڪيس، ٻٽي مڪاني نظام جي واپسي، ٻيٽن جو وڪرو رڪجڻ، انهن سڀني ڪاميابين جا اتساهيندڙ مثال آهن.

وقت سان گڏ حڪمرانن جي پاليسين جي نتيجي ۾ سياسي توڙي سماجي ادارا ڪمزور به ٿيا آهن پر ان جي باوجود اهي پنهنجي حال آهر پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. هن وقت به سانا ۽ سگا متحرڪ تنظيمون آهن، جيڪي عوامي ميڙاڪن ۽ ٻين طريقن سان مختلف معاملن تي سرگرميون ڪري رهيون آهن. البته هڪ ڳالهه جنهن جي کوٽ نظر اچي ٿي، اها آهي حڪمت عملي. سياسي تنظيمن جيان سول سوسائٽي ۽ ٿنڪ ٽينڪس به ايندڙ مسئلن تي رد عمل ۾ ڪم ڪرڻ ۽ سرگرميون ڪرڻ ۾ تيز آهن پر اهي گهڻي ڀاڱي ڇڙ وڇڙ رد عمل واريون سرگرميون آهن پر انهن ادارن وٽ هاڻوڪين حالتن ۾ سنڌ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪا ٺوس حڪمت عملي يا پروگرام ۽ ٽارگيٽس ناهن. جنهن کي مستقل مزاجيءَ سان پوئيواري وسيلي حاصل ڪرڻ جي ڪا ڪوشش ٿي رهي هجي. حڪمت عملي ۽ پروگرام نه هجڻ سبب گهڻي ڀاڱي ٿيندڙ سرگرميون ته وقتي معاملن تي ته نتيجا ڏين ٿيون پر اهي ڪنهن ڊگهي مدي واري پروگرام کي کڻي اڳتي نٿيون وڌن. سماجي تنظيمن ۽ ٿنڪ ٽينڪس کي وقت بوقت ايندڙ معاملن سان گڏ ڪجهه ڊگهي مدي وارن پروگرامن تي لڳاتار ڪم ڪرڻ گهرجي. جيڪو سنڌن بنيادي سڃاڻپ هجي. اهي ڊگهي مدي وارا هڪ يا ٻه ڪم هجن، جن جو اثر بنيادي تبديلين وارو هجي ۽ اهي ڪنهن حڪمت عملي سان سلهاڙيل هجن. مان رڳو هتي ڪجهه مثال اڳيان رکان ٿو اهي يا انهن جهڙا ٻيا ڪيترائي ڪم ڪري سگهجن ٿا.

هر سال 500 کان 1000 سنڌي نوجوانن کي تعليم ۽ روزگار لاءِ ملڪ کان ٻاهر وڃڻ ۾ واهر/رهنمائي/رابطا فراهم ڪرڻ.

هر سال 500 سنڌي ڇوڪرين کي يونيورسٽين ۾ تعليم ڏيارڻ لاءِ واهر/رهنمائي فراهم ڪرڻ.

هر سال 3 هزار کان 5 هزار نوجوانن کي هنري سکيا ۽ ڪاروباري ڄاڻ وسيلي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ واهر/ رهنمائي/رابطا فراهم ڪرڻ.

ڪراچي ۾ هر سال 500 ڪٽنبن کي ورسائڻ لاءِ واهر/ رهنمائي/رابطا فراهم ڪرڻ.

ڪراچي ۾ رهندڙ 5 هزار سنڌين کي هر سال اتي جو سڃاڻپ ڪارڊ ۽ ڊوميسائل ٺهرائڻ لاءِ واهر/ڄاڻ فراهم ڪرڻ.

ڪراچي ۾ هڪ اهڙو رهنمائي مرڪز قائم ڪرڻ، جتي سنڌ جي ٻين ضلعن مان رهائش/روزگار/تعليم وغيره لاءِ ايندڙ ماڻهن کي واهر/رهنمائي مهيا ٿي سگهي.

حڪومت، اين جي اوز، ڊونرز ۽ سرنديءَ وارن سان گڏجي سنڌ جي هر تعلقي ۾ معياري تعليم جا مثالي ادارا قائم ڪرڻ.

سنڌ سان لاڳاپيل سياسي، معاشي ۽ سماجي معاملن تي سنڌيءَ کانسواءِ انگريزي يا اردو ۾ انگن اکرن تي ٻڌل ڄاڻ کي عام ڪرڻ جو لڳاتار سلسلو شروع ڪرڻ.

سنڌ سان لاڳاپيل اهم آئيني ۽ جمهوري حقن بابت سفارتي سطح تي لهه وچڙ ڪرڻ، وزير اعظم، فوج جي اعليٰ عهديدارن، وزير اعليٰ ۽ ٻين اهم ادارن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ.

بينڪن، مائيڪروفنانس ادارن، حڪومت ۽ اين جي اوز سان گڏجي ٻهراڙين ۾ زرعي ۽ ڪاروباري معيشت کي هٿي ڏيارڻ لاءِ مالي وسيلا، فني واهر ۽ مارڪيٽ سان ڳانڍاپي جو ڪم ڪرڻ.

وڏن شهرن جي صنعتي ادارن جي مالڪن، انتظاميا ۽ واپاري تنظيمن سان رابطا ڪري ٻهراڙين جي نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرائڻ لاءِ اڳڀرايون ڪرڻ.

پرڏيهي يونيورسٽين، ڊونر ادارن ۽ سرنديءَ وارن سان رابطا ڪري سنڌ جي يونيورسٽين لاءِ گڏيل تعليمي پروگرام شروع ڪرائڻ ۽ شاگردن کي پرڏيهه ۾ تعليم جا موقعا فراهم ڪرائڻ.

حڪومت، خانگي شعبي ۽ يونيورسٽين سان گڏجي سائنسي سرگرميون منعقد ڪرائڻ ته جيئن ٻهراڙين ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ سائنسي سوچ کي پکيڙي سگهجي.

اهي ڪجهه مثال آهن، جيڪي حوالي طور ڏنا اٿم. ان جهڙا ٻيا ڪيترائي ڊگهي مدي وارا پروگرام شروع ڪرڻ جي ضرورت آهي، جن سان سنڌ جي سماجي، معاشي ۽ سياسي بيهڪ ۾ ڪي بنيادي تبديليون اچي سگهن.

جمهوري ۽ وچولي طبقي واري ماحول ۾ سياسي ۽ سماجي ادارا شڪليون بدلائيندا رهندا آهن. جيئن اسان وٽ جمهوريت به رياستي ڍانچي جي ڪنٽرول ۾ آهي ۽ سمورو نظام ڪنٽرولڊ آهي، تيئن وچولي طبقي جا ادارا به وڏو انقلابي ڪردار ادا نه ڪري سگهندا پر اهي سماج ۾ هوريان هوريان تبديلي آڻيندا رهندا. يورپ جو نئين جاڳرتا وارو دور به صدين تي پکڙيل هو. ان ڊگهي ۽ ور وڪڙدار جدوجهد ۾ سياسي ۽ سماجي ادارن کي بدلجندڙ حالتن آهر پنهنجي حڪمت عملين ۽ طور طريقن کي نوان ڏيٺي پوندي. سماجي ادارا رڳو سرڪاري بجيٽ يا ڊونرز جي فنڊنگ تي ڪم نه ڪري سگهندا. ڪين رضاڪار سماجي گروهه طور پنهنجا وسيلا به پيدا ڪرڻا پوندا ۽ پنهنجي وقت ۽ صلاحيت جو بامعنيٰ استعمال ڪرڻو پوندو سانا ۽ سگا جهڙا ادارا سماجي تبديليءَ جي عمل تي وڌيڪ بهتر طريقي سان اثرانداز ٿيڻ جي صلاحيت رکن ٿا. ان لاءِ ڪين پنهنجي ادارتي جوڙجڪ، اوليتن جي تعين، لڳاتار نظرداري، بهتر حڪمت عملي ۽ وڌيڪ رابطن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

صوفِي لاڪوفِي، ڪونَ ڀانئيس ڪيُ؛
مَنجهيان ٿِي مَنجِهه وڙهي، ٻڌر ناهِس ڀيُ؛
جنين ساڻس ويُ، تَئي تنين جو واهَرُو

ڪارونجهر جي ڪوڪ

اعجاز منگي

ڪارونجهر جي ڪوٽن ڪٽ ڪٽائي ته ڪيتري وقت کان وٺي جاري هئي. جهڙي لڪ ڇپ ۾ ڪارونجهر جي وجود جي ودڪٽ پئي هلي، تهڙي ان خلاف ڍڪيل ۽ دٻيل مزاحمت هلندي رهي. ڪڏهن ڪڏهن ان مزاحمت ۾ اوچتو ڪو چال اچي ويندو هو ۽ سنڌي ٻوليءَ جي پرنٽ ميڊيا ۽ خاص طور تي سنڌ جي سوشل ميڊيا تي ان جا ڀرپور پڙاڏا به پيدا ٿيندا هئا پر وري ڪنهن مصلحت هيٺان اها حق پرست جدوجهد ڇپي به ويندي ۽ پنهنجي راهه ڇڏي به ويندي هئي. پر گذريل ڏينهن پنهنجو مدو پورو ڪري ويندڙ سنڌ سرڪار جي منرل کاتي پاران جيئن ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ وارا جاري ڪيل "ٽينڊر نوٽيس" اخبارن ۾ شايع ٿيا، تيئن ڄڻ ته سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن ۾ ڀونچال اچي ويو ۽ هن ديس جا باشعور انسان پنهنجي شعور جا شعلا سوشل ميڊيا تي شيئر ڪرڻ لڳا.

ڪارونجهر پهاڙ سان سنڌ جو تعلق تمام پراڻو ۽ پيچيده رهيو آهي. ٿر جي ماڻهن ۽ مورن پنهنجي ان پهاڙ سان ته هڪ غيرمشروط محبت ڪئي آهي پر ان پهاڙ جو سنڌ جي ادب ۾ جيڪو پاڇو پيدا ٿيو آهي، تنهن جو هڪ وڏو داستان آهي. سنڌ ۾ فطرت جي سونهن جا نظارا هونءَ به گهٽ ٿي آهن پر جيڪي آهن، انهن جي مٿان سدائين پاپين جو مارو رهيو آهي. هجڻ ته اهو گهرجي ها ته پوري ٿر کي تحفظ وارو علائقو قرار ڏئي هتي هر قسم جي شڪار مٿان مڪمل ۽ عملي پابندي عائد ڪئي وڃي ها پر اسان کي معلوم آهي ته ٿر جي مسڪين ماڻهن جي پرامن طبيعت جو فائدو وٺي، هن ماڳ ۾ هر قسم جو ظلم ڪيو ويو آهي. اهو ظلم انهن هرڻن مٿان به ٿيو آهي، جن کي ٿر جا وڏيرا خاص مهمانن لاءِ دسترخوان جي زينت بڻائيندا آهن ۽ اهو ستم انهن مورن سان به ٿيو آهي، جن جي ٻچن ۽ بيضن کي تحفي طور ڏنو ويندو آهي. ان جو سبب اهو ٿيو آهي ته هاڻي ٿر ۾ مورن جو انگ تمام گهڻو گهٽجي ويو آهي. جيڪڏهن اهو سلسلو جاري رهيو ته اسان ٿر جا مور يا ماضيءَ جي البمن ۾ ڏسي سگهنداسين يا وري انهن جا اميج آرٽيفيشل انٽيليجنس ذريعي وجود ۾ آڻي پنهنجي جيءَ وندرائينداسين.

ٿر ته واريءَ جو ديس آهي. اهڙي ديس جا رستا به هلي هوا سان لٽجي ويندا آهن. اهڙي ڪڻ ڪڻ واري وطن ۾ جيڪڏهن ڪا مضبوط شيءِ آهي ته اها صرف ۽ صرف ان ڪارونجهر جي صورت آهي، جنهن تان جڏهن برسات جون پاڻي ٿيون بڻائي وهندو آهي ته ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ انسان ڪنهن حسين واديءَ ۾ پهچي ويو هجي.

ڪارونجهر ٿر جي ننگرواري پارجو اهو پيارو پهاڙ آهي، جتي مورن جا آستانا به آهن ۽ انهن ناسي رنگ جي پٿرن جو روپ اهڙو آهي، جنهن کي ڏسي محسوس ٿيندو آهي ته قدرت جي مصور ڄڻ ته ٿر جي ڪينواس تي ڪا حسين تصوير پينٽ ڪئي هجي. هڪ پينٽنگ جهڙي پهاڙ جي هر انچ جي حفاظت سنڌ سرڪار جو فرض هو پر سنڌ حڪومت ان حسين ۽ ناياب پهاڙ جي پويان به هٿ ڌوئي پئي آهي ۽ پورو سرڪاري ماضي اها گواهي ڏيندو ته ڪارونجهر جي پويان هٿ ڌوئي پيل حڪمرانن هر اهو ويل وهايو آهي، جنهن سان هي پهاڙ پنهنجو وجود برقرار رکي نه سگهي. جڏهن به سوشل ميڊيا تي ڪنهن نوجوان کي موقعو مليو آهي ته هن انهن ٽرڪن ۽ وڏين گاڏين جون تصويرون سوشل ميڊيا جي ذريعي شيئر ڪيون آهن. جيڪي گاڏيون ڪارونجهر پهاڙ جا ٽڪيل پٿر ڪٽي وينديون رهيون آهن. اهڙي ظلم ۽ زيادتي خلاف گهڻو وقت اڳ ۾ آواز اٿڻ کپندو هو پر بقول رسول بخش پليجو سنڌي ماڻهو جاڳڻ ۾ تمام گهڻي دير ڪندا آهن. فارسيءَ ۾ چوندا آهن ته "دير آيد درست آيد" سو دير سان ئي سهي پر سنڌ جا ماڻهو ۽ خاص طور تي ٿر جا رهواسي ڪارونجهر جي تحفظ جي سلسلي ۾ هن ڀيري جهڙي انداز سان اٿيا آهن، انهن کي انهن جي هن انداز تي لطيف جي انهن لفظن جي پيٽا پيش ڪري سگهجي ٿي ته:

"هي جي آيا هيرَ، مون اڳ نه ڏٺا ڪڏهن"

هن ڀيري ڪارونجهر جي حفاظت جي حوالي سان سنڌ جي قومي سياست ۽ سماج ۾ جيڪا ولوڙ پيدا ٿي پئي آهي، ان جي سٽ هيءَ ويندڙ ته ڇا پر ايندڙ سرڪار به برداشت ڪري نه سگهندي. ڇو ته هن ڀيري سنڌ جا ٿيور ئي الڳ آهن.

دنيا جي تاريخ گواهه آهي ته هر قوم کي اٿڻ جي لاءِ ڪنهن نه ڪنهن وقت ۽ ڪنهن نه واقعي جي ضرورت پيش ايندي رهي آهي. سنڌ جي مٿان جيڪي به ظلم ٿيا آهن، انهن ظلمن جو هڪ الڳ وستار آهي پر هن ڀيري ڪارونجهر پهاڙ جي ڪٽائيءَ جو "عام اطلاع" اهو آخري تنڪو ثابت ٿيو آهي، جنهن سان سنڌ جي صبر واري اٺ جي پٺ ڀڄي پئي آهي. هاڻي سنڌ جو رد عمل اهڙو آهي، جهڙيون لطيف جون اهي سٽون:

"صبر ۽ شڪر کي ڪيڏانهن آئون ڪندي؟
آهيان جنهن سنڌي، سو ٿو گهرجي سان مون"

سنڌ جا ماڻهو هن مهل ڪارونجهر پهاڙ جي تحفظ جي سلسلي ۾ ڪنهن به قسم جو قومي، جمهوري توڙي طبقاتي ڪمپرومائيز ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن به طور تي تيار نظر نه ٿا اچن. ڇو ته سنڌ جي ماڻهن کي صرف ڪارونجهر جو خيال ناهي. سنڌ جي ماڻهن جي دلين ۾ اهي سمورا درد آهن، جن جو درمان ٿي نه سگهيو.

سنڌ جي تاريخ هڪ رتورت رڪارڊ جيان موجود آهي ته سڀ کان وڌيڪ ظلم ۽ سڀ کان وڌيڪ استحصال ٿر جو ٿيو آهي پر هن مهل تائين ٿر سان پال پلاڻ جو ڪنهن به حڪمران ۽ سياستدان کي خيال نه آيو آهي. جيڪڏهن ٿر جي فطري قلعي يعني ڪارونجهر پهاڙ کي پٿر پٿر ڪري نيلاميءَ کان بچائڻ لاءِ جيڪڏهن آواز اٿيو آهي ته اهو به ٿر جي نئين نسل ۽ سنڌ جي انهن باشعور انسانن جو آهي، جن لاءِ ڪارونجهر هڪ پهاڙ نه صبر جي اها ديوار بڻجي چڪو آهي، جنهن سان هاڻي هو پنهنجي پٺ لڳندي محسوس ڪري رهيا آهن. هن ڀيري سنڌ مڪمل طور تي پرعزم آهي ته اها ڪنهن به صورت ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائيءَ جي اجازت نه ڏيندي. ڪارونجهر جي تحفظ لاءِ هن وقت جهڙي ريت سموري سنڌ هڪ آواز ٿي وئي آهي ۽ اها هڪ عمل جي لڙهيءَ ۾ پوئجڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي، ان مان محسوس ٿي رهيو آهي ته سياسي طور تي ڪرپشن ۽ نااهليءَ سبب عوام ۾ ڌڪار جي علامت بڻجي ويل حڪمران نه رڳو ڪارونجهر جي سلسلي ۾ باشعور ماڻهن جي مزاحمت ڪرڻ جي همت ڪري سگهندا پر هو پاڻ نقلي هيرا ٿيڻ جي ڪوشش ڪندي ڪارونجهر بچائڻ جي لاءِ آواز اٿاريندا. ڇو ته هن وقت جي مٿان چونڊون ڇيهه جيان چمڪار ڪري رهيون آهن ۽ جيڪڏهن هن وقت حڪمران ڌر ڪارونجهر جي سلسلي ۾ ڪا به سنڌ دشمني ڪئي ته عوامي ڪروڌ جو ڪارونجهر انهن مٿان ڪرندو ۽ هو ان هيٺان هميشه لاءِ دٻجي دفن ٿي ويندا.

بقايا *** 01

آهي، آصف زرداري پنهنجي بيان ۾ هدايتون ڏيندي چيو آهي ته لوڪل باڊيز جا چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين، ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ ڪائونسلر عوام جي مدد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. آصف زرداري چيو ته هاڻوڪين برساتن جي ڪري سنڌ ۾ زراعت کي زبردست نقصان پهتو آهي. برسات سبب ڪچين ۽ اتين جا باغ تباهه ٿي ويا آهن. بلاول ڀٽو زرداري به وزيرن ۽ چونڊيل نمائندن کي پنهنجن تڪن ۾ پهچڻ جي هدايت ڪندي ڪي پي، پنجاب ۽ گلگت ۾ برسات دوران جاني نقصان تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا *** 02

جنهن جو ٽيون نسل رهي پيو. اُن جا خواب سنڌ حڪومت پورا ڪري رهي آهي. حڪومت نه رڳو گهر ناهي پئي ڏئي پر مالڪاڻه حق به ڏئي رهي آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته لاڙڪاڻي ڪانپوءِ اڄ قمبر شهدادڪوٽ ۾ تقريب ٿي رهي آهي. ٻي گهر ماڻهن کي گهر ڏينداسين. شرجيل ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي سدائين عوام سان گڏ رهي آهي. اسان ترقياتي اسڪيمن مان ڪنوتي ڪري ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته سنڌ سرڪار ٻوڏ متاثرن سان ڪيل وعدا پورا ڪري ڇڏيا. 21 لک متاثرن کي گهر ٺهرائي ڏئي رهيا آهيون. شرجيل دعويٰ ڪئي ته ڪارونجهر جبل جي نيلامي جو فيصلو نه ٿيو آهي، نيلامي وارو ٽينڊر رد ڪيو ويو آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته ملڪ ۾ ڪجهه ماڻهو سياست سياست کيڏي رهيا آهن. پيپلزپارٽي واحد جماعت آهي جيڪا سياست نه پئي کيڏي. بلاول وزيراعظم ٿيو ته سموري ملڪ ۾ ٻوڏ متاثرن کي گهر ناهي ڏنا ويندا. ناصر شاهه چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي سنڌ ۾ مڪمل سويپ ڪندي، سنڌ ڪانپوءِ ڏکڻ پنجاب ۾ پ پ جي پوزيشن مضبوط ٿي وئي آهي. سينٽرل پنجاب ۾ به پارٽي جي پوزيشن بهتر ٿي رهي آهي. ٻئي پاسي سنڌ جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي خاص مددگار شهزاد احمد سان گڏ آرڪائيوز ڪمپليڪس ڪلفٽن ڪراچي ۾ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سنڌ جي ضلعي ۽ صوبائي انتظاميه برسات دوران مڪمل الرٽ آهي. اسان جي صوبائي حڪومت کان وٺي تعلقي ۽ يوسي سطح تائين اسان جا مڪاني ادارن جا نمائندا سرگرم آهن. هن چيو ته ڪراچي جي شهرين کي وڌيڪ سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ بسون ڪراچي پهچي ويون آهن ۽ انهن بسن جا روٽ جلد طئي ڪيا ويندا. ڪارونجهر جبل بابت ڳالهائيندي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪارونجهر جي تاريخي حيثيت متاثر نه ٿيندي. سڄي ملڪ ۾ سياست کيڏي پئي وڃي پر پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي واحد پارٽي آهي جيڪا ڪم ڪري رهي آهي. پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٻوڏ متاثرن کي سنڌن گهر ۽ انهن گهرن جا مالڪاڻا حق ڏيڻ جو واعدو پورو ڪيو آهي. اڄ، لٽي ۽ اجهي جو نعرو بلند ڪندڙ پيپلز پارٽي عوام کي سنڌن پراڻن خواهشن کي پورو ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي. هن چيو ته لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٻوڏ متاثرن کي مالڪاڻي حقن سان گڏ گهر ڏيڻ جو واعدو پورو ڪيو ويو آهي ۽ اهو سلسلو جاري رهندو. جن 50 لک گهر ڏيڻ جو چيو هو انهن ڪنهن کي به گهر نه ڏنو. گهر جا مالڪاڻا حق حاصل ڪندڙ عورتن جا ٽهڪندڙ چهرا ٻڌائن ٿا ته عوام پيپلز پارٽي جي ڪارڪردگيءَ مان خوش آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ٻوڏ متاثرن کي بنا ڪنهن فرق جي ۽ خالص ميرٽ جي بنياد تي گهر ڏئي رهي آهي. پاڪستان کي اڄ افراتفري جي نه پر رليف وارن ڪمن ۽ زخمن جي مرهم جي ضرورت آهي ۽ پيپلز پارٽي اهو فرض پورو ڪري رهي آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته جيڪڏهن پيپلز پارٽي ايندڙ چونڊن ۾ اقتدار ۾ آئي ته سڄي ملڪ جي عوام کي پنهنجا گهر ڏنا ويندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلزپارٽي عوام کي سنڌن پراڻن مسئلن جو حل ڏيندي ڇاڪاڻ ته پنهنجو گهر هر ماڻهو جو خواب هوندو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته مولانا فضل الرحمان قابل احترام ماڻهو آهي ۽ هو به چاهي ٿو ته ايندڙ چونڊون شفاف ٿين. هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت لڳاتار ٻوڏ دوران لکين بي گهر ماڻهن جي خدمت ڪئي جنهن کي سڀني ڏٺو. هڪ سوال جي جواب ۾ سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته 20 لک کان وڌيڪ گهر ڏنا ويندا. جنهن جي فنڊز لاءِ سنڌ حڪومت پنهنجو سمورو حصو ادا ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي وفاقي حڪومت ۽ ڊونرز به پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري رهيا آهن. ناصر حسين شاهه چيو ته اسان اهو چئي رهيا آهيون ته سنڌ ۾ چونڊون اسان کٽنداسين، پيپلزپارٽي کي پنجاب، بلوچستان ۽ ڪي پي ڪي ۾ به وڌيڪ سيٽون ملنديون. انشاء الله، اسان جي خواهش آهي ته وزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري هجي، پر حتمي فيصلو پارٽي قيادت ڪندي. ناصر حسين شاهه چيو ته اسان جي ڪوشش آهي ته سنڌ جي سمورن آر او پلانٽس کي بهتر نموني هلايو وڃي. سنڌ ۾ چونڊون کٽڻ ڪو سٺائو ڪم ناهي پر عوام پيپلز پارٽي کي سنڌس خدمت جو صلو ڏيندو، اميد آهي ته وڌيڪ ماڻهو پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيندا. صحافين جي سوال جو جواب ڏيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مهانگائي کان ڇوٽڪاري لاءِ جيتري ممڪن آهي اوتري سبسڊي ڏئي رهيا آهيون. ماڻهن کي گهر ڏئي رهيا آهيون، اسان کي تيزي سان وڌندڙ آباديءَ تي ضابطو آڻڻو آهي. هن چيو ته اسان چونڊون وڙهون ٿا ۽ سياست ڪريون ٿا پر پي ٽي آءِ وانگر ٻين لاءِ نفرتون نه پيا پکيڙيون. پاڪستان پيپلز پارٽي ملڪ جي عوام کي بنا ڪنهن فرق جي متحد ڪرڻ چاهي ٿي ۽ اسان اهو فرض ادا ڪندا رهنداسين. آصف علي زرداري ۾ سڀني کي گڏ کڻي هلڻ جي ڀرپور صلاحيت آهي. پيپلزپارٽي پاڪستان ۾ محبت ۽ اتحاد جو گلدستو آهي. هڪ سوال جو جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جو هر کاتو پنهنجا فرض بهتر نموني سان سرانجام ڏئي رهيو آهي. سنڌ حڪومت ٿر ۽ ڪارونجهر جي تاريخي اهميت کان چڱي ريت واقف آهي. سنڌ جي معدنيات واري وزير ڪارونجهر معاملي جو فوري نوٽيس وٺي مسئلو حل ڪيو. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته اهو حق پيپلز پارٽي کي آهي ته هو پارٽي ۾ شامل ٿيڻ جي خواهشمندن جي اچڻ بابت فيصلو ڪري. هر پارٽي کي اهو حق آهي ته هو پنهنجو اميدوار وزيراعظم لاءِ نامزد ڪري، ووٽر سوشل ميڊيا کان متاثر ٿيڻ بدران پنهنجن مسئلن جو حل چاهين ٿا. هڪ سوال تي سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته اسان تحريڪ انصاف کي مليَر ۽ ملتان ۾ شڪست ڏني، مستقبل ۾ عمران کي هڪ سٺو ڪرڪيٽر پر ناڪام وزيراعظم طور ياد ڪيو ويندو سنڌ جي اطلاعات واري وزير شرجيل انعام ميمڻ هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته سنڌ حڪومت برسات سبب پيدا ٿيندڙ صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ صنعتي زون ناهي رهي آهي هڪ سوال جي جواب ۾ شرجيل ميمڻ چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جي نااهلي سبب ڪراچي جا شهري سخت ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن، حيسڪو ۽ سيپڪو جي صارفين جو به اهوئي حال آهي ۽ اهو وفاقي حڪومت جي ادارن نيپرا ۽ سيپرا جو ڪم آهي ته انهن خلاف ڪارروائي ڪري.

بقايا *** 03

اعلان ڪري ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب جي ڊي اي ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اميدوار رعنا انصار نقوي جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي جنهن ذريعي ايم ڪيو ايم جو اپوزيشن اڳواڻ آڻڻ ويندو ان حوالي سان ايم ڪيو ايم ۽ جي ڊي اي اڳواڻن گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي جي ڊي اي جي اطلاعات سيڪريٽري سردار عبدالرحيم چيو ته اڄ ايم ڪيو ايم پاڪستان جا دوست اسان وٽ آيا هئا. سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي لاءِ اتفاق راءِ پيدا ٿي ويو آهي. جي ڊي اي جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر صفدر علي چيو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ جي ڊي اي اڳواڻن وچ ۾ اپوزيشن اڳواڻ جي نالي تي ڳالهيون ٿيون آهن اسان ماضي ۾ به سنڌ جي معاملن تي گڏ ٿيندا رهيا آهيون. ايوان ۾ اپوزيشن اڳواڻ جو اهم ڪردار هوندو آهي. هن چيو ته سنڌ اسيمبلي ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان ۽ جي ڊي اي جا ميمبر ڪافي سرگرم آهن. ان حوالي سان اسان جا 3 کان 4 اجلاس ٿي چڪا آهن. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي اپوزيشن اڳواڻ جي حمايت ڪنداسين. ڊاڪٽر صفدر عباسي وڌيڪ چيو ته اسان جي ڪوشش هوندي ته اڻڌري نگران حڪومت قائم ٿئي. اسان پنهنجي ڀيڻ (رعنا انصار نقوي) کي ووٽ ڏئي رهيا آهيون اميد ته اها سنڌ جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندي. جهڙي طرح پيپلز پارٽي سنڌ کي برباد ڪيو آهي ان جو حساب ضرور ٿيندو.

بقايا *** 04

جي توشه خانه ڪيس ٻڌڻي جوڳو نه هئڻ خلاف اپيل ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي وئي آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي 2 رڪني بينچ جوڙي وئي، جسٽس يحيٰ آفريدي ۽ جسٽس مسرت هلالي تي ٻڌل بينچ ٻڌڻي ڪندي.

بقايا *** 05

ويا آهيون. هن چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين آءِ ايم ايف سان معاهدو ٽوڙيو. سياست چمڪائڻ لاءِ رياست قربان ڪرڻ کي ترجيح ڏني. جڏهن ته اسان جي حڪومت فيصلو ڪيو ته سياست کي قربان ڪري رياست بچائينداسين. سندس چوڻ هو ته ملڪ جو ديوالو ٿي وڃي ها ته قيامت تائين منهنجي نرڙ تي ڪارو ڪلنڪ هجي ها. اسان ديواليءَ کان بچي وياسين، ان تي الله جو جيترو شڪر ادا ڪيان گهٽ آ. سڄي عمر سجدا ڪيان ته پوءِ شڪر ادا نٿو ڪري سگهان.

بقايا *** 06

جوڪ سميت ٻين علائقن مان پاڻي نيڪال نه ٿيو سگهيو ۽ انتظاميا پاران شهر مان پاڻي نيڪال ڪرڻ وارين ڪوششن تي حيسڪو پاڻي ڦيري ڇڏيو، رات کان سيفٽي ڇاٽائي شهر جا 50 کان وڌيڪ فيڊر بند ڪرڻ سبب پاڻي نيڪال ڪرڻ وارو عمل سخت متاثر رهيا دادو شهر جي مک بازار سميت مختلف علائقا ڊٻڻ ۾ ٻڏي ويا. ڪوٽڙي ۾ سڄي رات وسڪارن ڪانپوءِ شهر ۾ پاڻي بيهجي ويو. شهري گهرن تائين محدود. سکر جي پراڻي سکر، جبل روڊ، گهنٽا گهر، وسپور محلا ۽ ٻين علائقن ۾ پاڻيءَ جا تلاءَ ٺهي ويا. پان سيد آباد، ميهڙ، باڊه، نري ميرواهه، ٽنڊو آدم، جام نواز علي، نصير آباد. نوشهروفيروز، لاڙڪاڻي ۽ ٻين شهرن مان به برساتي پاڻي نيڪال نه ٿيو. نري ميرواهه ۽ ميهڙ شهر به برساتي پاڻي ۾ ٻڏي ويا، پوليس اسٽيشن ۽ ٻيون عمارتون ۽ روڊ رستا پاڻيءَ هيٺ اچي ويا

بقايا *** 07

کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته فنڊز اليڪشن ڪميشن کي مرحليوار ضرورت موجب جاري ڪيا وڃن. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن فنڊن لاءِ ناڻي واري وزارت سان گهرج مطابق رابطو ڪندو عام چونڊن لاءِ مجموعي طور 42 ارب 42 ڪروڙ رپيا ڏنا ويندا. پهرين مرحلي ۾ 10 ارب رپيا جاري ڪيا ويندا. جنهن جي منظوري گذريل مالي سال ڏني وئي هئي. ذريعن موجب اليڪشن ڪميشن کي گذريل مالي سال 15 ارب رپيا جاري ڪرڻ جي منظوري ڏني وئي هئي. گذريل مالي سال 15 ارب مان 5 ارب رپيا اليڪشن ڪميشن کي جاري ڪيا ويا ۽ گذريل مالي سال اليڪشن ڪميشن 5 ارب مان 4 ارب 47 ڪروڙ رپيا استعمال ڪيا. اليڪشن ڪميشن باقي رهيل 53 ڪروڙ رپيا ناڻي واري وزارت کي واپس ڪري ڇڏيا. ذريعن جو چوڻ آهي ته اليڪشن ڪميشن گذريل مالي سال عام چونڊن لاءِ 47 ارب 42 ڪروڙ رپيا طلب ڪيا هئا.

بقايا *** 08

آفريدي جي شهيد ٿيڻ جا اطلاع آهن پوليس جو چوڻ آهي ته شروعاتي جاچ موجب ڌماڪو آپگهاتي هو. آپگهاتي حملي آور نئين تعمير ٿيل مسجد ۾ داخل ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جڏهن پوليس اُن جي تلاشي وٺڻ شروع ڪئي ته ان پاڻ کي ڌماڪي سان اڏائي ڇڏيو، واقعي جي حوالي سان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي. آءِ جي خيبر پختونخواهه تصديق ڪئي ته ڌماڪو آپگهاتي هو ۽ شڪي شخص تلاشي دوران پاڻ کي ڌماڪي سان اڏايو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته هڪ حملي آور فرار ٿي ويو آهي، جنهن جي ڳولا جاري آهي.

بقايا *** 09

منظور ڪري ورتي، عدالت علي محمد خان کي 5 لک رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. علي محمد خان کي اينٽي ڪرپشن ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو پٺيان پشاور هاءِ ڪورٽ علي محمد خان خلاف ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ جي درخواست ۾ اينٽي ڪرپشن، ڊپٽي ڪمشنر مردان ۽ نيب کان رڪارڊ طلب ڪري ورتو. درخواستگذار جي وڪيل چيو ته هڪ ڪيس ۾ آزاد ٿيڻ بعد ٻيهر گرفتار ڪيو ويندو آهي. عدالت درخواست جي ٻڌڻي 4 آگسٽ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 10

۾ ڊالر 287 رپيا 92 پئسا تي بند ٿيو ٻئي طرف اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر هڪ رپيو مهانگو ٿيڻ ڪانپوءِ 294 رپيا ٿي ويو آهي. ڪالهه اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر 293 رپين تي بند ٿي ريو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ اڄ مثبت ڪاروبار جو رجحان جاري آهي پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 134 پوائنٽن جي واڌ سان 46 هزار 188 تي پهچي ويو ڪالهه 100 انڊيڪس 46 هزار 54 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا *** 11

ٽيل ٽي بلن جو معاملو اڄ طئي ٿي ويو آهي، نيلامي ۾ 3 مهينن جا 571 ارب رپين جا ٽي بل وڪرو ٿيا. ٽن مهينن جي بلن جي ڪٽ آف پيداوار 18 بيسس پوائنٽس وڌي 22.978 سيڪڙو ٿي وئي. ڇهن مهينن جا بل 10 ارب رپيا نيلام ۾ وڪرو ٿيا. اسٽيٽ بئنڪ چيو آهي ته ڇهن مهينن جي بلن تي ڪٽ آف ييلڊ 4 بيسس پوائنٽس جي گهٽتائي سان 22.92 سيڪڙو ٿي وئي آهي. حڪومت 12 مهينن جا بل 39 ارب رپين جي نيلامي ۾ وڪرو ڪيا. 12 مهينن جي بلن جي ڪٽ آف ييلڊ 1 بيسس پوائنٽس وڌي 22.99 سيڪڙو ٿي وئي.

بقايا *** 12

ڏني 7 مهينن جي ٻار کي گهٽو ڏئي قتل ڪري ڇڏيو ٻار جي امڙ زليخان لغاري جو چوڻ آهي ته ٻار گهر ۾ هو ۽ اسان روئڻي ٿي ويل هياسين. اطلاع مليو ته منهنجي پٽ کي سندس پيءُ موسيٰ لغاري گهٽو ڏئي ماريو آهي عورت ٻڌايو ته مڙس جو ذهني توازن درست نه آهي. واقعي بعد گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي پوليس جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي تصديق ڪندي چيو آهي ته واقعي جي مختلف رُخن سان جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 13

باوجود آبپاشي عملو ننڊ ۾ پهتو. ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو ٻڌڻ ۾ رڌل رهيا منهڙو ويجهو وسڪارن ڪانپوءِ ڪروڙين رپين جي لاڳت سان تازو پڪي ڪرايل ڊيفيل شاخ جا ڪپر ٽٽي پيا گذريل ڏينهن شاخ کي لڳل گهارو اڃا بند نه ٿي سگهيو، جيڪب آباد ويجهو نورواهه کي پن هنڌن تان 30_30 فوٽن جا گهارا پيا، پاڻي فصل ٻوڙڻ بعد ڳوٺن ڏانهن وڌڻ لڳو آهي دودا پور ويجهو بيگاري ڪينال کي لڳل 50 فوٽ گهارو وڌي هڪ سئو فوٽ ٿي ويو. دودا پور ويجهو ڪوٽڙي شاخ کي به 10 فوٽ گهارو، پاڻي فصلن ۾ داخل ٿي ويو آهي سورو ويجهو بانڊي روڊ تي ڊير جو بند ٽٽي پيو، پاڻي فصلن ۽ گهرن ۾ داخل ٿي ويو. سنڌڙي ويجهو درسو شاخ کي آر ڊي 32 وٽان 40 فوٽ گهارو، ڳوٺاڻا پنهنجي مدد پاڻ تحت گهارو بند ڪرڻ ۾ رڌل آهيشهرين ۽ متاثرن جو چوڻ آهي ته 2022ع جي برسات ۽ ٻوڏ جون تباهيون ئي ناهن وسريون، مٿان وري هي برسات ۽ گهارن تباهه ڪري ڇڏيو آهي. گهر ڊٺا پيا آهن. جيڪي جهوپڙيون ناهيون سين اهي به ڍهي ويون آهن، گهارا بند ڪري وڏي تباهي کان بچايو وڃي

بقايا *** 14

اڳتي به اهڙا ماڻهو آندا ويا ته ائين ئي انهن کي ٻاهر ڪنداسين ڊي آءِ خان ۾ ترقياتي منصوبن جي پيڙهه جو پٿر رکڻ جي تقريب سان خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته مهانگائي جو جبل سڄي قوم مٿان ڪيرايو ويو، تنهن ڪري قوم سوچي ته ملڪي ترقي جام ڪندڙ ٻيهر اقتدار جا حقدار آهن يا نه هن چيو ته سعودي عرب ۽ دبئي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري ڪرڻ چاهين ٿا، اهي اسان کان به پڇندا آهن ته اڳتي جو نظام ڇا هوندو پر اها قوم جي ذميواري آهي ته اها نااهلن جو رستو روڪي. اسان کي ويڙهه جو تجربو وڌيڪ ۽ دوستي جو گهٽ آهي، سندس چوڻ هو ته ڊيرا اسماعيل خان اچڻ تي وزيراعظم جو ٿورائتو آهيان. هو مسئلن جي حل ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي 2017ع ۽ 2018ع ۾ نواز شريف هتي آيو هو.

بقايا *** 15

۾ لاڳاپيل شخص ۽ سندن گهرڀاتين کي به شامل ڪيو ويندو بل جو اطلاق صدر، وزيراعظم، هٿياربند فوج جي ميمبرن، عدليه تي ٿيندو جڏهن ته سرڪاري آفيسرن ۽ اسپيڪر، ڊپٽي اسپيڪر، سينيٽ جو چيئرمين ۽ ڊپٽي چيئرمين، وفاقي وزير، گورنر، پارليامينٽري سيڪريٽري، خاص مددگار ۽ ٻيا وفاقي ۽ صوبائي آفيسر شامل هوندا. ان کان علاوه اهو بل وڏن وزيرن، صوبائي اسپيڪرن ۽ ڊپٽي اسپيڪرن، خاص مددگارن، اٽارني جنرلز، ايڊووڪيٽ جنرلز ۽ ٻين آفيسرن تي به لاڳو ٿيندو بل موجب سرڪاري وفد ۾ شامل ماڻهو مليل تحفو توشه خاني ۾ جمع ڪرائيندا. توشا خانا جي ضابطن جي ڀڃڪڙي ۽ ان کي هتي وٺندڙ کي تحفي جي مارڪيٽ قيمت جي 5 ڀيرا برابر ڏنڊ لاڳو ڪيو ويندو

بقايا *** 16

گڏ هئا. پارسي ڪميونٽي پاران يشناءِ پٽيل، روني پٽيل ۽ ٻين صوبائي وزير جو خير مقدم ڪيو بعد ۾ صوبائي وزير گيانچند ايسراڻي پيورس بلاڪ جي تعمير ۽ سائرس هال جي مرمت ۽ بحالي جي ڪم جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڳالهه ٻولهه ڪندي گيانچند ايسراڻي چيو ته پيپلز پارٽي جي سنڌ حڪومت پنهنجي پنجن سالن جي دور اقتدار ۾ اقليتي برادري جي بنا ڪنهن فرق خدمت ڪئي آهي ۽ صوبي جي هر ضلعي ۾ مندر، گرجا گهرن، درگاهن لاءِ ضرورت جي موجب ترقياتي ڪم ڪرايا آهن پنهنجي ڪارڪردگي جي بدولت ئي اچڻ وارن اليڪشن ۾ پيپلز پارٽي پنهنجي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي اڳواڻي ۾ ڀرپور ڪاميابي حاصل ڪندي. هن چيو ته پاڪستان ۾ اقليتن کي قائداعظم محمد علي جناح جي ويزن جي موجب برابر حق حاصل آهن. آخر ۾ صوبائي وزير ملڪ جي ترقي خوشحالي ۽ پيپلز پارٽي جي قيادت جي وڏي عمر لاءِ خاص دعا پڻ ڪئي.

بقايا *** 17

خاندانن ۾ مالڪاڻا حقوق جا سند ورهائڻ واري تقريب قمبر جي نجي شادي هال ۾ منعقد ڪئي وئي. تفصيل موجب ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثر 500 خاندانن کي مالڪاڻا حقوق جا سند واري تقريب قمبر جي نجي شادي هال ۾ صوبائي وزير جنگلات نواب تيمور ٽالپر جي صدارت هيٺ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ حڪومت سنڌ پاران (SPHF) ڳوٺ آباد اسڪيم تحت ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي ٻوڏ متاثرين لاءِ 137127 گهر تعمير ڪرڻ واري تقريب ٿي گڏري جنهن ۾ تعلقي شهدادڪوٽ لاءِ 17335، تعلقي قمبر ۾ 30036، تعلقا ميروخان ۽ سجاول جوڻيجو 20456، تعلقا قبو سعيد خان 19956، تعلقا نصير آباد 11579 ۽ واره تعلقي ۾ 27764 گهر تعمير ڪيا ويندا. جڏهن ته پهرين فيز ۾ 500 خاندانن کي مالڪاڻا حقوق جا سند ڏنا ويا ان کان علاوه 950 گهر زير تعمير آهن. صوبائي وزير جنگلات نواب تيمور خان ٽالپر تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو هڪ نعرو هنيو هيو ته روٽي ڪپڙا اور مڪان جنهن کي پاڪستان پيپلزپارٽي جي قيادت ۽ وزير خارجه چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خصوصي هدايتن تي ان خواب کي حقيقت ۾ تبديل ڪري هن پروگرام ۾ اڄ 500 خاندانن ۾ مالڪاڻا حقوق جا سند ورهايا ويا آهن. هن وڌيڪ چيو ته عمران خان گهر ۽ نوڪرين ڏيڻ جا ڪوڙا واعدا ڪيا. ان موقعي تي ڪمشنر لاڙڪاڻو گهنور خان لغاري چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي خصوصي هدايت تي مالڪاڻا حقوق ترجيحي بنيادن تي ڏنا پيا وڃن ۽ مالڪاڻا حقوق ذريعي متاثر عورتون قرض به وٺي سگهن ٿيون. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر ضلع قمبر شهدادڪوٽ سليم ☐ اوڍو خطاب ڪندي چيو ته حڪومت سنڌ روٽي ڪپڙا اور مڪان جي وژن تحت اڄ ذاتي گهر جو واعدو پورو ڪري ڇڏيو آهي هن وڌيڪ چيو ته حڪومت سنڌ صوبي جي متاثر عوام کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏيندي. ان موقعي تي هڪ متاثر عورت گهر ۽ امداد ملڻ تي آبديده ٿي بلاول ڀٽو زرداري ۽ حڪومت سنڌ سان اظهار تشڪر ڪيو تقريب کي MPA سنڌ اسيمبلي نواب غيبي سردار خان چانڊيو به خطاب ڪيو ان موقعي تي چيئرمين ضلع ڪائونسل قمبر شهدادڪوٽ حاجي قمر الدين گرهاڻي، چيئرمين ميونسپل ڪاميٽي قمبر نوابزاده ريحان خان چانڊيو ايس ايس پي قمبر توحيد الرحمان ميمڻ، SRSO ,مختلف سرڪاري ادارن جا سربراهه ۽ شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا *** 18

آهي. اليڪشن ڪميشن جي ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 4 رڪني بينچ پي ٽي آءِ چيئرمين فواد چوڌري ۽ اسد عمر خلاف اليڪشن ڪميشن ۽ اليڪشن ڪمشنر جي توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران اليڪشن ڪميشن ميمبر اڪرام الله خان پوليس اهلڪارن کان پڇائو ڪيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين وڪيل جا گرفتاري وارنٽ جو ڏنا؟ خبر ناهي گرفتاري وارنٽ تي عمل ڪيئن ڪجي؟ چيئرمين پي ٽي آءِ کانسواءِ ڪنهن کي وارنٽ جو ڏنا؟ ٻڌڻي دوران فواد چوڌري ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل شعيب شاهين اليڪشن ڪميشن آڏو پيش ٿيا. شعيب شاهين اليڪشن ڪميشن کي ٻڌايو ته پي ٽي آءِ چيئرمين جا 5 ڪيس هاءِ ڪورٽ ۾ آهن. هو جيئن ئي فري ٿيندا. پيش ٿيندا فواد چوڌري موقف اختيار ڪيو ته سندس موقف سائيفر جو هجيڪو ٻئي ڪيس ۾ هو اليڪشن ڪميشن جي ميمبر فواد چوڌري کي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ چيو. ڪيس جي ٻڌڻي 2 آگسٽ تي ٿيندي. شعيب شاهين چيو ته اسان کي اڳوڻو آرڊر اڃا تائين نه مليو آهي. اليڪشن ڪميشن چيو ته هو اسان کي ڪاپي ڏينداسين. توهان پنهنجو واعدو پورو ڪيو، جيئن ئي پي ٽي آءِ چيئرمين کي هاءِ ڪورٽ مان فارغ ڪيو ويندو ته توهان پيش ٿي ويندڙ. توهان ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪريو ميمبر اليڪشن ڪميشن چيو ته ٻڌڻي ۾ وقفو ڏيون ٿا. ٻڌڻي ٿي ويندو اليڪشن ڪميشن ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي ڪئي وئي. اليڪشن ڪميشن ۾ اليڪشن ڪميشن ۽ چيف اليڪشن ڪمشنر جي توهين ڪرڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪجهه دير ڪانپوءِ شروع ٿي ته چيئرمين پي ٽي آءِ پيش ٿيو ان موقعي تي ٻڌڻ واري ڪمري کي تالا لڳل هئا ۽ غير مجاز ماڻهن کي داخل ٿيڻ کان روڪيو ويو وڪيلن پي ٽي آءِ چيئرمين کي عدالتي ڪمري ۾ گهيرو ڪيو. وڪيل فيصل چوڌري ساڻس ڳالهايو.

بقايا *** 19

جي تقريب جناب ڪمشنر لاڙڪاڻو گهنور لغاري صاحب، ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد محمد يوسف شيخ ۽ مير لياقت علي خان لاشاري صدر پاڪستان پيپلز پارٽي جيڪب آباد، صدر ليڊيز ونگ ڊاڪٽر فرخنده، جنرل سيڪريٽري پي پي پي جيڪب آباد ٻين پاران سنڌ حڪومت جي هدايت موجب متاثر ٿيل علائقي ويجهو مالڪاڻا حق ۽ گهر ٺهرائڻ جي فنڊز جي سلسلي ۾ پهرين فز ۾ متاثر ٿيل 500 عورتن ۽ مردن ۾ ڳوٺ آباد جون سندون ورهايون ويون متاثر ٿيل منجهان عورتن پنهنجا خال وٺيندي سنڌ حڪومت ضلعي انتظاما ۽ پولٽڪل قادت جو شڪريو ادا ڪرو مسمات رخسانا ٻڌايو ته آڪٽوبر ۾ چف منسٽر مراد علي شاهه هن جي رلف ڪئمپ ۾ آ ۽ اسان سان گهر ٺهرائڻ ۽ گهر جي مالڪاڻي حق جو واعدو ڪرو اڄ اهو واعدو سنڌ حڪومت ۽ نوجوان قادت جناب بلاول ڀٽو زرداري پورو ڪرو آهي جنهن لاءِ اسن عورتون شڪر گذار آهون ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ ڊپٽي ڪمشنر تقريب دوران ٻڌايو ته سنڌ حڪومت جو هي پيو تاريخ ساز فيصلو آهي جو بي گهر ٻوڏ ستايلن لاءِ گهر جي اڏاوت جي رقم جي فراهمي سان گڏوگڏ مالڪاڻا حق ڏيڻ لاءِ ڪوشان آهن. هن وڌيڪ چيو ته پهرين فيز ۾ جيڪب آباد ضلعي جي 500 کا وڌيڪ خاندانن کي مالڪاڻا هڪ ڏئي نوان گهر تعمير ڪرڻ جو آغاز ٿي چڪو آهي... ان موقعي تي ٻوڏ متاثرن پاران سنڌ حڪومت جي اهڙي شاندار ڪمن جي واکاڻ ڪئي ۽ ساراهيو پڻ ويو.

بقايا *** 20

۾ نڪاح جي کيس مالاڪنڊ جي ڪمشنري جي نڪاح جي تصديق ڪري ڇڏي، اسلام قبولي نڪاح ڪندڙ انجو جو اسلامي نالو فاطمه رکيو ويو، انجو جي نصرالله سان سوشل ميڊيا ذريعي 2019 ۾ دوستي ٿي هئي، 34 سالن جي انجو ٻن ٻارن جي ماءُ آهي، انجو پنهنجي مڙس آروند کي جي پور وڃڻ جو چئي پاڪستان هلي آئي. انجو 2007 ۾ هندو مذهب ڇڏي عيسائيت قبولڻ بعد آروند سان پسند جي شادي ڪئي هئي

بقايا *** 21

جي قيمتن ۾ رڪارڊ واڌ ڪري ڇڏي آهي ته ٻئي طرف نوڪر شاهي لاءِ مراعتن سان گڏ اسيمبلي ميمبرن لاءِ ترقياتي فنڊ جاري ڪيو ويو. فواد چوڌري وڌيڪ چيو آهي ته ڇا اها معاشي پاليسي آهي جيڪا پاڪستان کي معاشي دلدل مان ٻاهر ڪڍندي. اڳوڻي اطلاعات واري وزير چيو ته پاڪستان ۾ معاشي ترقي صرف تڏهن ٿيندي جڏهن شريف ۽ زرداري خاندان حڪومت ۾ نه هجي پر چاهي اها مشرف جي حڪومت هجي يا تحريڪ انصاف جي.

بقايا *** 22

ڪري ٿي. ملڪ تڏهن پوئتي رهجي ويندا آهن جڏهن اهي بدلجندڙ دنيا سان گڏ نه رهندا آهن هن چيو ته چين پنهنجي ملڪ مان غربت جو خاتمو ڪري ترقي جو سفر شروع ڪيو. جيڪڏهن وقت سان گڏ معاشرو نه بدليو ته دنيا ۾ پوئتي رهجي ويندي، وفاقي وزير جو چوڻ آهي ته ٽيڪنالاجي جي شعبي ۾ گهربل ترقي وقت جي ضرورت آهي. 2013 ۾ جڏهن ملڪ ۾ حڪومت آئي ته 16 کان 18 ڪلاڪ بجلي نه هئي، سندس چوڻ آهي ته 2013ع ۾ جڏهن هو حڪومت ۾ آيا ته هڪ ڏينهن ۾ اهڙو نه گذريو جنهن ۾ آپگهاتي ڌماڪا نه ٿيا، ڪراچي شهرين لاءِ غير محفوظ هو. ڪو به سيڙپڪار پاڪستان اچڻ لاءِ تيار نه هو. 3 کان 4 سالن ۾ اسان اهو سڀ ڪجهه تبديل ڪري ڇڏيو احسن اقبال چيو ته پاڪستان 2030ع تائين 20هين طاقتور معيشت بڻجي ويندي، جڏهن اسان 2013ع ۾ حڪومت ۾ آياسين ته 4 سالن ۾ 11 هزار ميگاواٽ بجلي شامل ڪئي. ٽن سالن ۾ سي پيڪ ذريعي 29 ارب ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪئي وئي، هن جو اهو به چوڻ آهي ته اسان ڏيکاريو آهي ته پاڪستان ترقي ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو 2018ع ڪانپوءِ صورتحال هڪ ڀيرو ٻيهر تبديل ٿي آهي، اپوزيشن تي الزام هڻڻ گورننس ناهي.

بقايا *** 23

چيو ته پاڪستان جي اقتصادي ڪاميابي آمريڪا جي اولين ترجيح آهي، پاڪستان سان تعميري ۽ جمهوري ڀائيواري جا خواهشمند آهيون. انٽوني بلنڪن جو چوڻ آهي ته بلاول سان پاڪستاني معيشت جي بحالي، افغان صورتحال ۽ علائقائي توڙي گڏيل خدشن بابت ڳالهيون ٿيون.

بقايا *** 24

جي موقف تبديل ڪرڻ تي رانا ثناءُ الله کي ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو. رانا ثناءُ الله خلاف چيف سيڪريٽري پنجاب، ڪمشنر لاهور ۽ ٻين آفيسرز ۽ سندن گهرڀاتين کي ڌمڪائڻ جي الزام هيٺ 25 آگسٽ 2022 تي ڪيس داخل ڪرايو ويو هو. رانا ثناءُ الله خلاف ڪيس قاف ليگ جي مقامي اڳواڻ شهباز اسلم جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو. رانا ثناءُ اڄ ذاتي حيثيت ۾ عدالت آڏو پيش ٿيو. فريادي طرفان الزامن تان هٿ کڻڻ بعد عدالت رانا ثناءُ الله کي ڪيس مان آجو قرار ڏئي ڇڏيو

بقايا *** 25

قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪئي. پرڏيهي ميڊيا موجب ڊنمارڪ جي ڳاڏي واري هنڌ ڪوپن هيگن ۾ گذريل هفتي ڊينمارڪ پيٽريٽس نالي ساڳئي گروپ قرآن پاڪ جي بي حرمتي ڪئي ان کان اڳ سويڊن ۾ گذريل ڪجهه ڏينهن دوران قرآن پاڪ جي بي حرمتي جا ٻه واقعا ٿي چڪا آهن جڏهن ته ايران ۽ عراق ۾ به سويڊن ۽ ڊنمارڪ ۾ هزارين ماڻهو مظاهرا ڪري چڪا آهن.

بقايا *** 26

ڪرايل هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي چيف ايڊوائيزر جاڳيڪا عابد گل، چيف ايڊوائيزر ڪريڪيولر اسڪول ايجوڪيشن کاتو ڊاڪٽر فوزيا خان ۽ ٻيا موجود هئا. اجلاس ۾ ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي ڊرافٽ ۽ ان ڏس ۾ ٿيل اڳڀرائي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار شاهه چيو ته بدقسمتي سان ٽرانس جينڊر ڪميونٽي کي تعليم حاصل ڪرڻ جي حوالي سان ڪيترن ئي ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ٽرانس جينڊر ڪميونٽي کي معاشري جي منفي روين کان ڪڍڻ لاءِ انهن کي تعليم جي ميدان ۾ اڳتي آڻڻ لازمي آهي. هن چيو ته شروعاتي طور تي هر ڊويزنل هيڊڪوارٽر ۾ ٽرانس جينڊر اسڪول کوليو ويندا اهڙا اسڪول انهن علائقن ۾ کوليا ويندا جتي ٽرانس جينڊر ڪميونٽي جا ماڻهو گڏجي رهندا آهن هن چيو ته معاشرتي روين ۽ سٺي تعليم حاصل ڪرڻ سان ٽرانس جينڊر ڪميونٽي کي روزگار جا سٺا موقعا ملي سگهن ٿا. سيد سردار علي شاهه چيو ته آرٽيڪل 25 اي جي تحت ملڪ جي هر ٻار لاءِ تعليم بنيادي حق آهي ۽ تعليم ڏيڻ رياست جي ذميواري آهي. ٽرانس جينڊر ڪميونٽي به هن ملڪ جا شهري آهن ۽ انهن کي تعليم جا برابري جا موقعا فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي هن چيو ته ملڪ ۾ ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي آڻيندڙ سنڌ واحد صوبو آهي پيپلز پارٽي هميشه معاشري جي پٺتي پيل طبقي جي ڀلائي جي حوالي سان قانون سازي ۾ پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي سيد سردار علي شاهه چيو ته فارمل تعليم کان علاوه اسين ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي ۾ نان فارمل ۽ ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن کي به پاليسي جو حصو بڻائينداسين. ان موقعي تي اجلاس ۾ ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي کي حتمي شڪل ڏيڻ جي حوالي سان مختلف تجويزن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. اجلاس ۾ صوبائي وزير کي آگاهي ڏني وئي ته ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي جي سلسلي ۾ ڪميونٽي سان مشاورت جو عمل به جاري آهي ۽ ڪميونٽي پاران ايندڙ تجويزن کي پاليسي جو حصو بڻايو ويو آهي ان موقعي تي صوبائي وزير سيد سردار شاهه چيو ته ٽرانس جينڊر ايجوڪيشن پاليسي جي منظوري بعد ڪميونٽي سان گڏجي عملدرآمد جي حوالي سان اعلان پڻ ڪيو ويندو ته جيئن هن معاشري ۾ ٽرانس جينڊر ڪميونٽي کي عام شهري جيان سندن حق ۽ تحفظ جي احساس کي هٿي ملي سگهي.

بقايا *** 27

ماڻهن وچ ۾ رابطن کي آسان ۽ بهتر بڻايو وڃي صدر ڊاڪٽر عارف علوي سان ايٿوپيا ۾ پاڪستان جي نامزد سفير ميان عاطف شريف ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٻطرفي لاڳاپن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي صدر چيو ته نامزد سفير پاڪستاني شين جي ايڪسپورٽ، ٻطرفو واپار وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري، صدر چيو ته پاڪستان، ايٿوپيا گڏيل تاريخ مفاد ۽ بين الاقوامي فورمز تي گڏيل حمايت تي ٻڌل آهن عارف علوي چيو ته ٻطرفو واپار وڌائي ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا اڃا وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي صدر ايٿوپيا سان تعليم جي شعبي ۾ تعاون ۽ عوامي رابطا وڌائڻ تي به زور ڏنو هن چيو ته ايٿوپيا جا شاگرد پنهنجون مهارتون وڌائڻ لاءِ ورچوئل يونيورسٽي، علامه اقبال اوپن يونيورسٽي جي آن لائن/وڊيو تعليمي مواد مان فائدو وٺي سگهن ٿا. پاڪستان ۾ ايٿوپيا جا نوجوان سفارتڪارن جي تربيت بئنڪنگ ڪورسز سان ايٿوپيا سان ٻطرفو لاڳاپا وڌيڪ بهتر ٿيندا صدر دنيا ۾ اسلاموفوبيا جي تدارڪ بين المذاهب هم آهنگي ۽ گڏيل احترام کي هٿي ڏيڻ لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو

بقايا *** 28

جا فائر ڪري قتل ڪرڻ بعد فرار ٿي ويو. اطلاع تي پوليس پهچي مقتولا ناري جو لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو، جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار کي جلد گرفتار ڪيو ويندو

بقايا *** 29

کي فائرنگ ڪري قتل ڪيو ۽ پوءِ پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو پوليس جو چوڻ هو ته واقعو تقريبن رات جو سوا 3 وڳي پيش آيو. اسسٽنٽ پوليس ڪمشنر بيٽر ايريا ۾ موجود بنگلي ۾ رهيل هو ۽ ڪيس داڙو ٿي امروائي ۾ اي سي پي مقرر ڪيو ويو. هن پوليس موجب اي سي پي پنهنجي زال کي مٿي ۾ گولي هڻئين جنهن کان پوءِ گهر موجود سندس پٽ ۽ ڀاڻي گولي هلڻ جو آواز ٻڌي ڪمري جو در کوليو ته ان ڀاڻي کي سيني ۾ گولي هڻئين جنهن سبب هو مارجي ويو، ٽنهي جا لاش هڪ ڪمري مان مليا آهن. پوليس موجب اي سي پي جي زال جي سڃاڻپ 45 ورهين جي موني ۽ ڀاڻي جي سڃاڻپ 35 ورهين جي ديپڪ جي نالي سان ٿي آهي.

بقايا *** 30

گهر ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. پوليس موجب واقعي ۾ ماءُ ۽ هڪ ٻارڙو به زخمي ٿيا آهن. جن کي فوري طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب مانسهره ۾ طوفاني برسات جي نتيجي ۾ هينئر تائين 8 ڄڻا فوت ۽ 11 زخمي ٿي چڪا آهن. ٻئي طرف ڪبل هزاره ۾ ڇت ڪرڻ جي واقعي پيش آيو جنهن دوران شادي هال جي ڇت ڪرڻ جي نتيجي ۾ فوت ٿي ويلن جو انگ 3 ٿي ويو آهي. گذريل ڏينهن ڪبل ۾ تيز طوفاني برسات دوران ڇت ڪرڻ جي نتيجي ۾ 3 ڄڻا دٻجي فوت ٿي ويا هئا. پوليس موجب واقعي دوران هڪ ٻارڙو ۽ هڪ شخص فوت ۽ 3 ڄڻا زخمي به ٿيا هئا.

بقايا *** 31

۽ تاريخ ڪئي، پيپلزپارٽي کي سنڌ جي ماڻهن سان ڪا به محبت ڪونهي، انهن کي سنڌ جا وسيلا گهرجن روزانو انهن وسيلن تي قبضن ۽ ڏاڍن جي منصوبابندي ڪئي وڃي ٿي اياز لطيف پليجي چيو ته ٿوري برسات شهرن ۽ ڳوٺن کي ٻوڙي ڇڏيو آهي شهر ۾ پاڻي جو نيڪال سسٽم بهتر نه هجڻ ڪري ڊرينيج جي تباهي جي ڪري رستا، گهٽيون ۽ اڪثر گهرن ۾ پاڻي بيهي رهيو آهي بجلي جو نظام درهم برهم آهي اياز لطيف پليجي چيو ته سڀ کان وڌيڪ پئسا کائيندڙ لوڪل گورنمينٽ کاتي جي نااهلي ۽ ڪرپشن جي ڪري ڪروڙين ماڻهو مشڪل ۽ مصيبت ۾ آهن دنيا ۾ ماڻهو برساتن کي انجواءِ ڪن ٿا پر اسان وٽ حڪمرانن جي ڪرپشن ۽ نااهلي جي ڪري ماڻهو تڪليف ۾ اچيو وڃن اياز لطيف پليجي چيو ته سمورن شهرن جو ڊرينيج سسٽم ٻيهر ڊزائن ڪري سٺو سالن جي منصوبابندي تحت ناهيو وڃي ته جيئن ڪنهن به شهر ۾ پاڻي نيڪال جو سسٽم عوام لاءِ عذاب نه بڻجي سگهي اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ ۾ ترقي ۽ خوشحالي جون ڪوڙيون دعوائون ڪندڙ حڪمران پنهنجي ڪارڪردگي جي تصوير آئيني ۾ ڏسن، سنڌ ۾ ماڻهو بک، بدحالي ۽ بيروزگاري کان تنگ ٿي زندگين جا ڏيئا اجهائي رهيا آهن سنڌ ۾ ماڻهو حڪمرانن جي بي حسي ۽ ڪرپشن جي ڪري آپگهات ڪري رهيا آهن عوام جي حقن تي ڌاڙا هنيا پيا وڃن مزدور، هاري ۽ غريب عوام کي ٻن ويلن جي ماني کان محروم ڪيو ويو آهي

بقايا سنڌيار 01

جاچ ڪيي پيپي وڃي انچارج مددگار غلام عباس جو چوڻ آهي تہ ڏوهہ جي ارادي سان ويٺل جوابدارن فليگ مارچ کي ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪيي ۽ جوابدارن جو پيڇو ڪري کين گهيرو تنگ ڪندي مقابلي بعد ٻنهي ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي.

بقايا سنڌيار 02

جو صحت کاتي ڪوبہ نوٽيس نہ ورتو ڪنهن وقت بہ ڪنهن جاني نقصان جو انديشو محتسب اعلاڪي ڏنل شڪايتن جو بہ ڪو ڪڙتيل نہ نڪتو 1980ع ڌاري ٺهيل ڳوناٽي صحت مرڪز جي ڪوارٽرن جي وري ڪڏهن بہ مرمت نہ ٿي جيڪڏهن ڪو ٺيڪيدار ٿيو بہ تڏهن بہ ڪوارٽرن جو ڪم نہ ٿي سگهيو صحت مرڪز ڪيڻ جي پيرا ميڊيڪل اسٽاف ۽ ڊاڪٽرس جي لاءِ ٺهيل رهائشي ڪالوني جي مرمت ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي پيرا ميڊيڪل اڳواڻن خالد پنهيرو راڻو ڪولهي غلام حسين خاصخيلي نورحسن انڙ ۽ ٻين وزير صحت ۽ سيڪريٽري صحت کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڪوارٽرس جي جلد کان جلد ريپرنگ ڪرائي ڪوارٽرن ۾ رهائش پذير عملي جي ٻچڙن جي زندگين کي محفوظ ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 03

جا سوين شهرين علم پاڪ هٿن ۾ کڻي ٻيرلوءِ ٿاڻي آڏو ڌرڻو هڻي سيپڪو روهڙي جي عملدارن خلاف چٽي نعري بازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ان موقعي تي ٻيرلوءِ جي شهرين سيد اسلم شاهہ فهيم ميراڻي سڄاد شر ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ محرم الحرام جي مهيني ۾ بہ سيپڪو روهڙي جي عملدارن غير قانوني طور ٻيرلوءِ جي بجلي بند ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب مجلسن و ماتم عزاداري ڪندڙ مومنن سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيئي رهيا آهن. هر مهيني لکين رپيا بلن جي صورت ۾ ڏيڻ باوجود ٻيرلوءِ بجلي ناجائزي طور بند ڪئي پئي وڃي. احتجاج ڪندڙ شهرين جو چوڻ هو تہ سيپڪو روهڙي جي عملدارن جي ناجائزي جو نوٽيس ورتو وڃي سندن خلاف ڪارروائي ڪري ٻيرلوءِ شهر ۽ پرياسي وارن علائقن جي بجلي بحال ڪئي وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج پڻ ڪيو ويندو. ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ٻيرلوءِ جي شهرين پاران خيرپور جي ڪورٽ ۾ سيپڪو روهڙي جي عملدارن جي ناجائزن خلاف پٽيشن درج ڪرائي هئي جنهن بعد سيپڪو عملدارن ڪورٽ ۾ لکي ڏنو هو تہ ٻيرلوءِ جي بجلي 8 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ کان علاوه بند نہ ڪئي ويندي، جڏهن تہ ڪورٽ ۾ لکت باوجود ٻيرلوءِ شهر جي بجلي غيرقانوني طور تي 2 محرم الحرام کان بند پيل آهي

بقايا سنڌيار 04

ڪاتي ۽ سکر جي ميونسپل جي پراسرار خاموشي، شهري ۽ سماجي حلقن ۾ پريشاني جي لهر، ريلوي واري وزير سميت ٻين اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو سکر ۾ گذريل ڏينهن تيز هوائن سان ڏڪ برسات سبب جتي سکر شهر جي روڊن رستن تي پاڻي بيهجي ويو آهي، اتي ئي سکر ريلوي اسٽيشن جي احاطي ۾ بہ برسات جو پاڻي جمع ٿيڻ ڪري تلاءِ جو منظر پيش ڪري رهيو آهي، اهڙي صورتحال تي شهري حلقن ۾ سخت پريشاني جي لهر پکڙجي وئي آهي ۽ هنن سکر جي وزيراعليٰ هائوس، ڊي ايس ريلوي سميت سکر جي شهرين کان مطالبو ڪيو آهي تہ سکر ريلوي اسٽيشن پاهران گڏ ٿيل برساتي پاڻي جي نيڪال ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 05

